جهنگلي گُل

هري دلگير

جهنگلي گُل

هري دلگير

سنڌي ٽائيمس پبليڪيشن

٩٠، لڪشمي مارڪيٽ، الهاسنگر - ٣

پنهنجيءَ ڪوتا جي آتما
” ن “ ڏانهن
گلاب ۽ رابيل جا گل نه،
ته هي جهنگلي گل ئي سهين !

ھ. د.

JHUNGLEE GUL

(Forest Flowers)

By: HARI DILGIR

SINDHI TIMES
Publicatton
90, Laxmi Market,
Ulhasnagar-3
Phone: 75618

Published by:
Suresh Paryani
For
The Sindhi Times
Publication

Printed by:
Smt. Mohini Sobhraj
Budhwani, INQLAB Press
Ulhasnagar-3 (Phone70066)

Sole Agant:
Jagdish Book Depot,
Main Bazar,
Ulhasnagar.2 (Phone:70455)

Price: Rupees Thirty

Year :
OCTOBER 1988

سلسلو

وشيه	صفحو
ڪجهه جهنگلي گلن بابت	٧
١. وس وس اي	٩
٢. اڄ ته گڏجي سفر ڪريون	١١
٣. آنوکو سفر	١٢
٤. توکي پڌرو ٿي پوندو	١٣
٥. منهنجو من	١٤
٦. اوشواس جو مندر	١٥
٧. صحيح روپ	١٦
٨. پيلو	١٧
٩. جنم دن	١٨
١٠. هيءَ ۽ هوءَ دنيا	١٩
١١. مشڪلاتون	٢١
١٢. قيدي	٢٢
١٣. مور جو ناچ	٢٤
١٤. هزار بهار	٢٥
١٥. اڌورو علم	٢٦
١٦. ضروري لياقتون	٢٧
١٧. هوءَ ڪير آهي؟	٢٨
١٨. هڪ آس	٢٩
١٩. ڇا ڪجي	٣٠
٢٠. پتي پتني	٣١

وشيه	صفحو
٢١. اڻ ڪٿ سلسلو	٣٢
٢٢. روي ۽ ڪوي	٣٣
٢٣. لوڪ ڀوڪ	٣٤
٢٤. مايا	٣٥
٢٥. ڀاڪرا ننگل	٣٦
٢٦. هڪ دوست	٣٧
٢٧. وڃان ٻ ته ڪيڏانهن وڃان	٣٨
٢٨. ٻاهر تالو، اندر آءُ	٣٩
٢٩. ٻرپوڪ سورج	٤٠
٣٠. پوپٽ	٤١
٣١. رچنا	٤٢
٣٢. منهنجو سرير	٤٣
٣٣. اٿاهه اونده مان	٤٥
٣٤. اناڙي	٤٦
٣٥. ڪيچڙ ۽ ڪچڙو	٤٨
٣٦. راک	٤٩
٣٧. آهي ڪو؟	٥٠
٣٨. سمپورڻ اوتار	٥١
٣٩. ناجائز ٻار	٥٢

ڪتاب بابت ......

سنڌي ڊائيمس پبليڪيشن طرفان پروفيسر هري دلگير جا هن کان اڳ ٻه ڪوتا سنگره ”پل پل جو پڙلاءُ“ ۽ ”رولو آواز“ ڇپايا ويا آهن.

پهرين مجموعي ۾ نظمون آهن ته شعر جون ٻيون صنفون به آهن. ٻئي مجموعي ”رولو آواز“ ۾ غزل آهن. هـــر سندس هن ٽئين مجموعي ”**جهنگلي گل**“ ۾ نثراڻو نظم آهي.

نظم جي هن صنف تي شيخ اياز جا هن کان اڳ ٻه مجموعا ”پتڻ ٿو پوُر ڪري“ سال ١٩٨٢ ۽ ”ٽڪرا ٽٽل صليب جا“ سال ١٩٨٤ ۾ ظاهر ٿيا آهن. مان سمجهان ٿو ته هت هري دلگير پهريون شاعر آهي، جنهن جو هن قسم جو شعر پهريون دفعو ”جهنگلي گل“ مجموعي ۾ ظاهر ٿي رهيو آهي. هن صنف کي ڪن نثري نظم ڪوٺيو آهي، پر مان ان کي نثراڻو نظم ٿو سڏيان. هن کان اڳ گرديو ٽئگور جي ڪوتا گيتانجلي، پريت جا گيت ۽ بال چندرما هن نموني ترجمو ڪيا ويا آهن.

گيتانجلي جي آڌار تي ڪاڪي لالچند امرڏنومل جڳتياڻي ”سدا گلاب“ جي نالي سان مجموعو ظاهر ڪيو. ان بعد گيتانجلي پروفيسر منگهارام ملڪاڻي نظم ۾ ترجمو ڪئي يعني ان ۾ قافيو ۽ رديف رکي. وري پوءِ شري گوبندرام رائسنگهاڻي نثري نظم ۾ گيتانجلي ترجمو ڪئي.

پروفيسر منگهارام گرديو ٽئگور جو ڪوتا سنگره گارڊنر جو ترجمو 'پريت جا گيت' نالي سان نظماڻي نثر ۾ ڪيو. شري ارجن ايسراڻي ٽئگور جي بال گيتن جو ترجمو نظماڻي نثر ۾ ”بال چندرما“ نالي سان ڪري ظاهر ڪيو. پر اصلوڪو نثراڻو نظم، اياز ۽ هري دلگير ڏنو آهي (منهنجي ڄاڻ مطابق)

اسان شڪرگذار آهيون شري هري دلگير صاحب جا جنهن هروقت اسان کي پنهنجي رچنائن سان پئي نوازيو آهي، ۽ پنهنجون تصنيفون اسان کي ڇپڻ لاءِ پئي ڏنيون آهن.

اسان توهانجا به شڪرگذار آهيون، جو توهان هن قسم جا ڪتاب خريد ڪري پڙهي اسان جي همت افزائي ڪري رهيا آهيو.

پهرين جولاءِ ١٩٨٨ع
56، هيرا هائوسنگ سوسائٽي،
اُلهاسنگر-٣ (بمبئي) فون: 75618-70575

- **ڊارايڪ پارٽي**
مکيه سمپادڪ

ڪجهه جهنگلي گلن بابت:

هي جهنگلي گل، منهنجي من جي جهنگل ۾، الائي ڪڏهن پنهنجو پاڻ پيدا ٿي ويا آهن. مالهي بڻجي مون ڪين ماتا جي ممتا سان پاليو تاتيو ڪونهي. ڪنهن به پاڻيءَ ۽ پاڻ ٻنا، قدرتي هوا ۽ سورج جي روشنيءَ ۾، هي گل منهنجي من جي ڌرتيءَ کي چيري، پنهنجو پاڻ ٻاهر نڪري آيا آهن. نه ڪيم قافين جي قلمبندي ۽ نه وري رديفن جي رنگينين سان ڪين سينگارڻ سنوارڻ جي ڪوشش ڪيم. وزن ڇند ۽ ماترائن جي ممتا کان به هي مڪت آهن.

هنن رچنائن ۾ نه آهي ڪا مرگهه نيڻي، نه ڪا چندر بدني. نه ساقي نه ميخانو. نه عاشقن جا آلاپ نه شرابين جا شور غل. نه ساز نه سر، نه لئه نه تال. ڪجهه به ناهي هنن ۾. صرف من جي مستي ئي آهي.

هيءَ نظمين ڪوتا ناهي، جنهن ۾ سوچ جون سوڙهيون ۽ ورونڪڙ گهٽيون هونديون آهن. هنن رچنائن ۾ اُمنگ ۽ اُڇل جو سڌو شاهي رستو آهي.

وشيه	صفحو
٤٠ امر پنڇي	٥٤
٤١. ڇا، ڇو ۽ ڇا لاءِ؟	٥٥
٤٢. انسانيت	٥٦
٤٣. ڪنڀار جو چڪ	٥٧
٤٤. هڪ تصوير	٥٨
٤٥. روشن آئينده	٥٩
٤٦. ٽرم - وير	٦١
٤٧. الجهن	٦٢
٤٨. خوش فهمي	٦٣
٤٩. ٽي. وي.	٦٤
٥٠. "ن" ڏانهن	٦٥
٥١. پاڻ ڏانهن	٦٦
٥٢. پوڄاري	٦٧
٥٣. شاعر ڏانهن	٦٨
٥٤. هڪ عام ماڻهوءَ ڏانهن	٧٠
٥٥. هڪ ڊڪٽيٽر ڏانهن	٧١
٥٦. هوائي تصويرون	٧٢
٥٧. شاعر ۽ شاهوڪار	٧٣

وشيه	صفحو
٥٨. گٽن جي ڪاڻ	٧٥
٥٩. پروفيسر	٧٧
٦٠. سچوآليه جو هڪ صاحب	٧٩
٦١. ماڊرن رشي	٨٠
٦٢. قومي ليڊر	٨١
٦٣. قومي تقرير	٨٢
٦٤. بيمار پاپي	٨٣
٦٥. ٻ ماڻهو	١٤
٦٦. ڪجهه سوچڻ لاءِ	١٥
٦٧. شايد صبح ٿي رهيو آهي	٨٧
٦٨. استري	٨٩
٦٩. موت هليو ويو	٩٢
٧٠ انسان ۽ خدا جي ملاقات	٩٥
٧١. هري دلگير جي موت کان پوءِ	١٠١
٧٢. هري دلگير	١٠٣

١. وَس وَس اي ڏات جا ٻادل

وَس وَس اي ڏات جا ٻادل، وَس.
ڪيترا ڏينهن جڳ لُڪ ۽ لُوءِ ۾ سڙي رهيو هوس،
اَڄ اڳين پوئين ڪسر ڪڍي، وَڏ ڦڙو وَساءِ.
ٻه ٽي دفعا تون آئين،
پر صرف منهن ڏيکاري موٽي وئين،
ڪا هلڪي ٻوند به ڪانه هنئي.
پر اڄ وسڻو ئي پوندءِ،
۽ خوب وَسڻو اَٿئي اَڄ.

هن پنجر پٽ جي سيني ۾،
ڪيترا رنگين گل پوسائجي رهيا آهن،
منتظر آهن ٻاهر نڪرڻ لاءِ،
هوا ڪين پنهنجين ٻانهن ۾ لوڏڻ لاءِ تڙپي ٿي،
آٿي آهي گيت ڳائڻ لاءِ،
ان ڪري، اي ڏات جا ٻادل، اَڄ خوب وَس.

گذريل پنجاهه سٺ سالن کان مان ٻارن لاءِ ڇند جو ٻنڌ قبول ڪري، اُن ۾ خوشيءَ سان رهيو آهيان. رديفن ۽ قافين جي قيد ۾ قابو رهيو آهيان. پر هاڻي ٻن ٽن سالن ۾، الٽي ڪئن، ٻارن کي آزاد ڇڏائي ٻاهر نڪري آيو آهيان. ائين پيو محسوس ڪريان ته ٿوري وقت لاءِ پئرول تي ٻاهر آيل آهيان. جئن بندي پکيءَ کي پڃري سان پيار ٿي ويندو آهي، تئن منهنجي دل ۾ پراڻي قيد خاني لاءِ اڃا به ڪافي قرب آهي، موهه آهي.

هن آزاديءَ جي عرصي ۾ (ٻن ٽن سالن ۾) ڪيترا دفعا قيدخاني جو موهه اندر ڇڪي ويو اٿم، پر ذهن ٻـ رهي، وري ٻاهر نڪري ايندو آهيان. پوءِ ڊڄندو اٿم ته متان وري نه ورڪوڙجي وڃان موهه جي زنجير ۾ (يا زنجير جي موهه ۾).

گذريل ٻن ٽن سالن ۾، من جي جهنگل ۾ گهمندي، جيڪي گل پلاند ۾ پائي سگهيو آهيان، اُنهن مان ڪي گل پيش ڪري رهيو آهيان. شل قبول پون.

– هري دلگير

پريو ڇايا،
آديپور (ڪڇ) 370205
7 مئي 1988

٢. اچ ته گڏجي سفر ڪريون

اچ ته گڏجي سفر ڪريون.
اڪيلو پنڌ تون نه ڪري سگهين ٿو، مان نه.
ٻر جي نه چٽا هونداسين،
نه ٻر ٻنهجي وهندا وقت ڪي.
هڪ ٻئي جي ڳلي ۾ ٻانهون وجهي،
ڳائيندا جهومندا وتندا هلنداسين
ڪوسي لُوءِ لڳندي، ته نه ٻاسندي ٿڌي هير.
جلائيندڙ جبل ٿي پوندا هل سٽيشن.
ڪنڊا ڦري، ٿي پوندا گل،
۽ بيابان بدلجي ٿيندا گلستان.
نديءَ جون لهرون ۽ جهرڻا،
ڳائيندا گڏ اسان سان.

جڏهن به وڻ هيٺان ويهنداسين،
لڏهن مان ڦل ۽ ڦول ڇڻي،
ڪرندا اسانجي پاند ۾.

هي سنسار ٿي پوندو سرڳ ڌام،
پتو نه پوندو پنڌ جو،
اَچ ته گڏجي سفر ڪريون. ❊

ڪيتري وقت کان،
نچيو ئي ڪونهي من مور،
هينئر تنهنجي گرجڻ ٻڌي
هو کولي رهيو آهي پنهنجا ڪنڀ.
نچاءِ، خوب نچاءِ کيس.
اهڙو ڪو مانڊاڻ مڙهه،
جئن نچندو ئي رهي.

منُ ساگر ۾ اڇايل سپون،
سُس ڪيئي، وات کولي،
نڪري آيون آهن سطح تي،
تنهنجون ڪيتريون بوندون ته اڄ منتظر آهن
موتي بڻجڻ لاءِ.
ان ڪري، اي ڏات جا بادل،
وَس وَس خوب وَس. ❊

۴. توکي ٻڌڻو ئي پوندو

مان توکي ڏونڌاڙيندو رهندس.
توکي اُٿڻو ئي پوندو.
مان هڪ پيغام ڏيڻ آيو آهيان.
توکي ٻڌڻو ئي پوندو.

مان جو گيت ڳائي رهيو آهيان،
توکي اڄ يا سڀاڻي ڳائڻو ئي پوندو.

مون رستو ٺاهي ڇڏيو آهي،
مان هليو ويندس، ته به
توکي ان رستي تان نيٺ
هلڻو ئي پوندو. ❊

٣. انوکو سفر

ڪلهه رات جو مان جاڳي پيس
وڃي وڃي، مهنجو من مونکي ڇڏي،
اڏامي ويو، پري پري.

ڌرتيءَ جي مٿان اڏامندي اڏامندي،
چنڊ تارن، ڪتين نکٽن، آڪاس گنگائن کان به مٿي،
گم ٿي ويو اٿاهه نيري آڪاش ۾.

اندازي ۽ پرڪاش جي پهچ کان پري،
شبد اشبد جي دائري کان ٻاهر،
ڪوتا، ڪلا ۽ ڪلپنا جي ڪائنات کان به اُتاهون
جتي ڪاڻو ڪونه هو ڪال، اڪال جو.

جڏهن موٽي آيو من،
تڏهن ڏٺم ته آڪاس تي رهيو هو ڳاڙهسرو،
پرڀات اچي چڪي هئي،
۽ مان نيم انوسار،
لڳي ويس پنهنجيءَ روزانيءَ ڪرت ڪي. ❊

٦. آوشواس جو مندر

وشواس جي گهاٽي جهنگل ۾،
هڪ سندر مندر اَوشواس جو
اُن مندر جو اَڏيندڙ — "مان".

عام جي نظرن کان هيءُ مندر غائب،
شاهي وڻن ۾ بلڪل اڪيل،
ڪيڏيءَ نه خبرداريءَ سان جوڙيو آهي مون!

اُن ۾ ڪيترين ئي ننڍين وڏين مورتين،
مکيه طور نام، شڪتيءَ ۽ ڪيرتيءَ جون.
روز جنهن مالها پهرائيندو آهيان مان.

سڀني کان وڏي مورتي آهي منهنجي اِشٽ گروءَ جي
اُن جو روپ ملي جهلي ٿو منهنجي روپ سان،
هن جي آرتي ڪريان ٿو نت نيم سان.

بعضي منهنجو وشواس، ٻڻجي محمود بت ٽوڙ،
اڪي اڪي ڪري ٿو حملو، اُن اَوشواس جي مندر تي،
پر مندر بجاءِ ڀڄي ٿا پون محمود جا هٿوڙا.

اَجر اَمر آهي هيءُ مندر،
مري ويندا ڪئين محمود،
پر قائم رهندو اَوشواس جو مندر،
مندر، جنهن ۾ رکيل مکيه مورتي،
ملي جهلي ٿي منهنجي روپ سان،
جنهنجو اَڏيندڙ آهيان "مان". ❋

٥. منهنجو من

مون پنهنجي من کان پڇيو،
جي توکي امريڪا جي پريزيڊنٽ جي طاقت ملي،
جي توکي برلا ۽ ٽاٽا جو ڌن ملي،
جي تون لطيف ۽ ٽئگور جهڙو شاعر ٿين،
جي تون ڪرشن وانگر ڪلاوان ٿين،
جي تون ٿئين مها پراڪرمي، مها بلوان ۽ عظيم فنڪار،
ته پوءِ تون خوش ٿيندين؟

من چيو، نه مان تڏهن به خوش ڪونه ٿيندس،
مان هر منزل تي پهچي،
ان کان به اڳتي وڌي ويندس،
۽ خيال ڪندس ٻئين منزل جو.
۽ اتي پهچي به
ڪوشش ڪندس ان کان اڳتي وڌڻ جي. ※

٨. ٻيلو

سامهون گجگاهه ٻيلو آهي. زهريلا نانگ، ٻلائون ۽ شڪاري جانور اندر بيڌڙڪ گهمي رهيا آهن. خطرناڪ ڀاڪن ۽ ڏڱ ڏاڙ ٻلن جو هيءُ اڏو آهي. اندر گهڙڻ ۾، جان جو خطرو آهي. هيءُ جهنگل مهاڀارت جي کانڊو ٻن کان ۾ وڌيڪ پراڻو آهي. ارجن ۽ ڪرشن اُن ٻن کي آگ لڳائي گهٽ جهلي ويٺا. پکندڙ درندا، شير ۽ خوني لٽيرا، ارجن جي گانڊيوُ ڌنش، ڪرشن جي سدرشن چڪر ۽ پانڊون جي ٻين غيبي هٿيارن جو شڪار ٿيا.

منهنجو رستو هن ٻن منجهان ئي آهي. اُن کي ختم ڪرڻو ئي آهي. پر مان نڪو آهيان ڪرشن، نڪو ارجن ۽ نه وري ديوي شستر آهن مون وٽ. پر مونکي اڳتي وڌڻو ئي آهي.

هاڻ اڪيلو آهيان، پر شايد سنت ئي ڪي مانجهي مڙس مدد لاءِ مڙي ايندا. ايترو جلدي شايد نه به اچن، پر اڳي پوءِ، ايندا ضرور. مونکي اڳتي وڌڻو ئي آهي.

ڌيري ڌيري هن ٻن کي آگ لڳائيندو هلندس. جهنگل صاف ڪندو هلندس. ڦل ۽ ڦول لڳائيندو هلندس. لٽيرن سان لڙندو رهندس. خونين جو خاتمو ٿيڻو ئي آهي.

پر ڪنهن ڏينهن شايد ڪوئي خبيث منهنجو خون به ڪري ڇڏي. پر مان ٻچان نه ٿو. مرڻو ته هونءِ ئي آهي. منهنجي خون ۽ بيجان جسم جي پاڻ مان ڪي نوان گلستان ضرور نسرندا. منهنجو پورهيو ويرٿ نه ويندو.

منهنجي پوئتان ڪونڌرن جي قطار اڳي پوءِ اچڻي ئي آهي. هن گهور ٻن جو خاتمو ٿيندو ۽ ضرور ٿيندو. ✲

٧. صحيح روپ

مان جڏهن لکڻ ويهندو آهيان،
يا جڏهن خيالن جي پکيءَ لاءِ
ڳوليندو آهيان لفظن جو آکيرو،
يا جڏهن ڏسندو آهيان،
ڪو سندر روپ، چٽر يا بت،
تڏهن ئي مان سچ پچ "مان" هوندو آهيان.
منهنجي واچ، چپل يا ٻيو ڪجهه به ڪٿي وڃي،
مونکي ڪل ڪانه پوندي.
ڏسڻ ٻڌڻ کان دور،
هوندو آهيان پنهنجي ٺاهيل سنسار ۾.
مونکي ڏسڻو اٿئي منهنجي صحيح روپ ۾،
ته تڏهن ئي اچ. ❋

١٠. هيءَ ۽ هوءَ دنيا

موت ۽ امر جيون جي وچ هڪ پل آهي،
اڄ، الائي ڪٿي، مان اُتي پهچي ويو آهيان.
اِهو مونکي ڇڏيل آهي،
۽ مان وچان هيڏانهن يا هوڏانهن.

موت جي پاڇي هيٺان جيڪا دنيا آهي،
اُن تي مان نظر ڦيرايان ٿو،
۽ ڏسان ٿو،
اُن ۾ پنج سؤ ڪروڙ ماڻهن جو ميڙ،
انيڪ گياني، وگياني ۽ اگياني،
شاعر، ليکڪ، چترڪار، سنگتراش ۽ سنگيت آچاريه
انهن جون پياريون پياريون رچنائون،
قدرت جا دلفريب نظارا.
مور پنهنجا پر کولي، نچي رهيو آهي،
هتي ڪوئل جي ڪوُ ڪوُ آهي،
۽ اُن سان گڏ آهي ڪانوَ جي ڪان ڪان ۽ ڪٻر جي ٽيوُن ٽيوُن

مان اِهو به صاف ڏسان ٿو،
ته جو مري ٿو، وري جمي ٿو،
هتي سڀڪجهه آهي. هر چيز آهي مقدار ۾.

٩. جنم ڏينهن

هڪ سال گذريل عمر ۾ جوڙ ٿي ويو،
هڪ سال باقي رهيل عمر مان ڪٽ ٿي ويو،
هڪ سال جوڙ، هڪ سال ڪٽ،
مان جهڙي جو تهڙو!

رات اڌ گذري چڪي آهي،
آرام ڪڏهن ڪندين؟
ابا کولي ويٺو آهين، وهيون ۽ کاتا!
هاڻي اچي ويو آ سمو سمهڻ جو.
ليکو چوکو پورو ڪري،
سمهي پؤ آرام سان!

ڪير ڄاڻي، سڀاڻي صبح تائين تون هجين يا نه،
ڪير ڄاڻي، ڪير وهندو تنهنجيءَ ڪرسيءَ تي،
اچي ڄاچيندو ڇڏي ويل کاتا،
ڇڪاسيندو تنهنجون وهيون ۽ لنديون،
ان ڪري، اي هوشيار،
پورو ڪري وٺ پنهنجو ليکو چوکو. ❊

١١. مشڪلاتون

مون پاڻ کي مشڪلاتن تي ايترو هيرايو آهي،
جو جڏهن مشڪلات ڪانه اٿم،
ته سمجهان ٿو آهيان سخت مشڪلات ۾ (اقبال)

سمي جي للڪار اڀندي ٿي،
جاڳي پون ٿيون منهنجون مڙئي شڪتيون،
ظاهر ٿين ٿيون منهنجون ڪل لڪل طاقتون،
نکري پوي ٿو منهنجو جوڀن.

اي وقت! تون مونکي للڪاريندو رهه،
تنهنجي هر للڪار جو جواب
ڏيندو رهندس للڪار سان.
هر للڪار جڻ مضراب جي چوٽ آهي،
منهنجي من - ستار لاءِ،
هر چوٽ سان پيدا ٿئي ٿو،
انوکو سنگيت،
جنهن سان سارو سنسار ٿي پوي ٿو،
سنگيت ميه! ❋

تنهن هوندي به هتي آهن ڪيترا ڏکي جيئرا،
ڪين ضرورت آهي ٿوري آٿت ۽ پيار جي،
شايد مان ڪري ٿو سگهان ٿوري گهڻي شيوا.

وري هوڏانهن نهاريان ٿو
سڀڪجهه آهي ايڪ رس، ناهي ڪنهنکي الڳ وجود،
جڙ ته آهي هڪ شاهي خال.
ڇا هن کي چوندا آهن،
امر پد، نرواڻ يا مڪتي؟
نه نه، مونکي نه گهرجي امر پد،
منهنجي ناهي هتي ڪابه ضرورت،
هتي نه پيار نه ڪري سگهبو ڪونه.
ٿون ۽ مان آهي ٻي ڪانه،
پيار ڪير ڪري؟ ڪنهنکي؟
نه نه، وڃائي مان پنهنجو الڳ محدود وجود،
گم نه ٿيڻ چاهيندس لامحدود ۾.

مان ٽپي ٿو وڃان
۽ ڇلانگ ماري،
وري پهچي ٿو وڃان، مرتيو جي سنسار ۾. ※

اُڏامِ منهنجي من جا پکيئڙا، اُڏامِ،
اُڏامِ ۽ پهچي وڃ آزاد آڪاس ۾.
ڌرتيءَ جي مقناطيسي ڪشش کان دور،
اُڏامِ دُور ...... دُور،
جتي ڪو نه آهي ڪو به قانون، نيم يا بندش،
جتي سج، چنڊ، تارا، گرهه ۽ نکٽ،
ڪو نه هلن ٿا ڪنهن به مقرر ٿيل گرهه - پٿ تي.

ڪاش، مان ساگر وانگر
ڏيئي سگهان وحشي ٽهڪ
ڪاش، مان لهرن وانگر
ڪري سگهان ناچ،
ڪاش، مان تيز طوفان وانگر ڪري سگهان ڪڙڪاٽ،
ساوڻي بادل وانگر
گهمي سگهان چئُگرو ۽ وسائي سگهان وسڪارا،
۽ ڦٽي ڦٽي،
آزاد اُپ ۾،
ٿي وڃان ختم. ❊

١٢. قيدي

سماج جي ڦاٽڪ مٿان،
تهذيب جو تالو لڳائي،
پهريدار جي وردي پائي،
چڪر لڳائي رهيو آهيان مان.

منهنجا اُمنگ چوڻ چاهن ٿا ڪجهه،
پر سندن آواز وڃن ٿا ٻڏي،
منهنجي پاري ٻوٽن جي آواز ۾،
زور زور سان رڙيون ڪري،
سڏي رهيا آهن منهنجا اُتما، موٽڪي،
پر مان،
سندن سڏ ٻڌي به جڻ نٿو ٻڌان.

مان ئي آهيان قيدي ۽ مان ئي سپاهي.
پنهنجو پاڻ کي غلام بڻائڻ ۾،
ڏيکه ٿو ڪريان خوشيءَ ۽ فخر جو.

١٤. هزار بهار

تنهنجي چهري تي دک جون ريکائون ڏٺم،
اکين ۾ خشڪ ڳوڙها چل چل ڪندا ڏٺم،
مون تنهنجي دل ورتي، پيار ڏٺم،
تنهنجي منهن تي مرڪ اچي وئي،
مون ائين محسوس ڪيو،
ته منهنجي دل جي باغ ۾،
ٽڙي پيا آهن هرهڪ ٻوٽي تي رنگبرنگي گل،
۽ اچي ويا آهن هزار بهار.

تون مونڏي آئين، چپ چپ،
ڪجهه ڪڇي نه سگهين،
پر مان سمجهي ويس تنهنجي گهرج کي،
۽ اڄ گهرئي، پوري ڪري ڇڏيم تنهنجي گهرج.
مون ائين محسوس ڪيو،
ته منهنجي دل جي غريب خاني ۾،
ٻيهر لڳي ويا آهن،
اڄ مين خزان جا. ※

١٣. مور جو ناچ

مور پنهنجا رنگين کنڀ کولي،
نچي رهيو آهي مستيءَ ۾،
ڪاش، مان به مست ٿجي نچي سگهان،
۽ ڀلائي ڇڏيان ڀار.

پر مان ائين نه ڪري سگهندس،
منهنجيءَ نس نس ۾ آهي ناسُور اَهم، علم ۽ عقل جو،
منهنجن پيرن ۾ آهن ڪڙيون رسمن ۽ رواجن جون،
آپي جي اُڏهي، منهنجي قلب کي،
ڪائي وئي آهي، ڪچي ڪاٺ وانگر.

ڏاهپ جا ڏنگيو ۽ وديا جا وڇون،
ڏنگي رهيا آهن مونکي بار بار.
منهنجي رڳ رڳ ڪڙاهي رهي آهي سوُر ڪان،
رتو رت آهن منهنجا پير.

مان مور وانگر ڪيئن نچي سگهندس؟ ❋

١٦. ضروري لياقتون

ڇا، تون ڪتي وانگر ڀونڪي سگهين ٿو؟
گڏهه وانگر لئون هڻي، شينهن وانگر گجي سگهين ٿو؟
ڇا، تون پنهنجن آدرشن ۽ اصولن کي،
کليءَ بازار ۾ نيلام ڪري سگهين ٿو؟
ڇا، تون پنهنجي ووٽ کي گهوگهو ڏئي،
هميشه لاءِ ختم ڪري سگهين ٿو؟
ڇا، تون هرهڪ کي، هر جڳهه، هر وقت،
دوکي ۾ رکڻ جو هنر ڄاڻين ٿو؟
ڇا، تون چوري لاءِ پڪري کُهي سگهين ٿو؟
تيليءَ لاءِ شاهي وڻ ليٽائي سگهين ٿو؟
ڇا، تون سڄ ۽ رڄ جي ماحول ۾ خلقي سگهين ٿو
دلاسن جا سبز باغ ۽ بهارون؟
ڇا، تون شڪار لاءِ بگهه وانگر ٻوڙنگ ڪري سگهين ٿو؟
واگهوءَ وانگر ڳوڙها ڳاڙي سگهين ٿو؟
ڇا، تون راوڻ جي رُوح ۽ رام جي روپ سان،
ڪوئي هنومان ڀڳت ۽ بانڊر سينا هٿ ڪري سگهين ٿو؟
جي هائو، ته پڪ ٿي پڪ تون ٿي سگهندين،
هڪ هوشيار راڄنيتي رهبر ✲

١٥. اڌورو علم

منهنجو علم مور جي کنڀن وانگر آهي.
هر هڪ کنڀ تي چٽيل آهن رنگبرنگي اکيون،
پر روشني هڪ ۾ به ڪانهي.

منهنجي ڄاڻ هڪ ڄڄ وانگر آهي،
جنهن ۾ ڍول، شرنايون، ڇيڇاري، ڄاڃي ۽ ماڃي آهن،
پر گهوٽ آهي ئي ڪونه.

منهنجي سر تي بزرگيءَ جي پڳ رکيل آهي،
ان جي مرتبي ڪان منهنجو مٿو لڳي ٿو مانَ وارو،
پر اُن ۾ سوچ - شڪتي آهي ئي ڪانه.

ماڻهن ليکي اڏامي سگهان ٿو آڪاس ۾
مون وٽ هيليڪاپٽر آهن ۽ مان پائلٽ به آهيان،
پر پيٽرول جي بوند به ناهي.

مون وٽ سڀڪجهه آهي،
وديا، وڏائي، صحت، ستا، سنمان،
پر منهنجي "مان" جي ڄاڻ کان آهيان محروم.
(رتي علم نه راس، پسڻ ڌاران پرينءَ جي - شاه) ❊

١٨. هڪ آس.

منهنجي روح جي رنگ منچ تي،
مدن ۽ رتي شل نچندا رهن،
اڻ ڏٺل ملائڪ لاءِ ساهه جا ساز وڄندا رهن.
مندون گل برسائينديون رهن،
بادل موتي برسائيندا رهن،
سمو درشڪ بڻجي جهومندو رهي،
هفتا، مهينا ۽ سال تاڙيون وڄائيندا رهن. ❊

١٧. هوُ ڪير آهي؟

هوُ ڪير آهي، جيڪو پنهنجي صليب پاڻ ڍوئي رهيو آهي؟
جنهنجي پوٺيان هشام ماڻهو چٿروُن ڪندا هلي رهيا آهن؟
ويچارو ...... صليب کڻي ٿڪجي پوي ٿو،
۽ لڳنس ٿا سپاهين جا ڦٽڪا،
ماڻهو ٽوڪبازيءَ ۾ چون ٿا، "ويچارو پيغمبر"!

اڄ، هاڻي ڪيس ٽنگن ٿا صليب تي،
ڪِلا ٺوڪنس ٿا سرير ۾،
۽ هوُ پڪاري ٿو "منهنجا پتا کين معاف ڪر،
کين خبر ناهي ته هوُ ڇا ٿا ڪن!"

آخر هوُ ڪير ٿي سگهي ٿو؟
ڪٿي، هوُ ڪرائيسٽ ته ناهي؟
پر ڪيس گذرئي ته ٻه هزار سال ٿي ويا!
ته ڀلا ڪير هوندو؟
اَندر مان آواز ٿو اچيم،
هيءُ صليب تي ٻيو ڪير چڙهي سگهي ٿو؟
ڪرائيسٽ ته هڪ ڀيرو ئي چڙهيو هو صليب تي.
پر اِهو "سچ" ئي آهي،
جنهنکي لٽڪايو وڃي ٿو صليب تي روز روز
آڳي ڪيترا دفعا هو چڙهيو آهي صليب تي،
پر هر دفعي مرڻ کان پوءِ جيئرو ٿي اٿيو آهي،
بائيبل ۾ ان ڪرشمي کي "وري جي اٿڻ"
(Resurrection) جو نالو ڏنو ويو آهي ✲

۲۰. ٻڌي ٻُڌي

— پياري، تون نہ وڃ.
— تون اهي اَشڀ ٻول ڪٿن ٿو ٻولين؟
— چڱو، ڀلي وڃ.
— ٻڌ، تون تہ رُکو رُوح آهين.
— پياري، تون نہ وڃ، هرگز نہ وڃ.
— تون مونکي حڪم ڪٿن ٿو ڏئي سگهين؟
— پياري، مان توکان سواءِ جي نہ سگهندس.
— ايڏو ڪوڙ!
— پياري، مان تہ غلط ٿي ٿو ڳالهائي وهان،
تون ٿي سيکاريئم نہ!

— هاڻي ٿي وئي ٺوڪبازي شروع!
تون هيڏو هوشيار ۽ سيکاريانءِ مان؟

— اوهو ......
— ڏس، اچي وئين نہ غصي ۾.
مون تہ ڏسڻ ٿي چاهيو،
تہ تون ڪيتري پاڻيءَ ۾ آهين. ❊

١٩. ڇا ڪجي

صرف اکر ۽ پدا ئي تہ آھن ھي پوٿيون،
گھڻو پڙھيم گيتا اپنشد ۽ ويد،
پر ھاڻي تنھنجيءَ ھڪ نظر،
آگ لڳائي ڇڏي تن من پر.

وشوامتر ڏھہ ھزار سال تپ ڪيو ھو،
پر اُن ڪي بہ تو خاڪ ڪري ڇڏيو ھڪ ڪن پر.

او ڪامني!
مان مدجھي پيو آھيان تہ ڇا ڪريان،
توکي پوڄيان ايھي پرڻام ڪريان
يا سيني سان لڳائي
رک بڻجي ڪري پوان. ❊

٢٢. روئي ۽ کوئي

تون روئي، مان کوئي،
تنهنجي سيني ۾ جوالا جا پڇيت،
منهنجي دل ۾ پڻ آڳ جا شعلا،
تون چپ ٿي چپ جلين،
مان بدلائي ڇڏيان آڳ کي راڳ ۾.

تون قيد آهين پنهنجي منڊل جي مرڪز ۾،
تنهنجا گرهه، تو ٿي ڦيرو ڏين سپاهين وانگر،
توکي اجازت ناهي ٻاهر نڪرڻ جي.
قيدين وانگر وقت تي اُٿڻو ۽ سمهڻو اٿئي
۽ مان آهيان پنهنجو مالڪ پاڻ.

تون کٿي کن ۾ ترسي نه سگهين،
جاڳ ۽ جاترا جو مليل اٿئي سراپ،
۽ مان پنهنجي مرضيءَ مطابق،
آرام ڪري، موج ماڻي سگهان،
۽ پڻ سرجي سگهان سندر سپنا.

ڀل نه پورڙا توکي ڀڳوان ڪوٺن،
نمسڪار ڪري، پوڄا ڪن،
۽ مونکي ڪل آهي، تون آهين بيجان پوتو،
تو ۾ سوچ شڪتي نه ناهي،
۽ مونکي مليل آهن دل، دماغ ۽ روح.

ٻڌاءِ، تون وڏو، يا مان؟ ❋

۲۱. اڻ کٽ سلسلو

زندگيءَ جو جهرڻو، جهر جهر ڪري وهي رهيو آهي،
پاڻي مٿان اچي هيٺ، وهي وڃي ٿو.
جهرڻو جنهن جو تتُ قائم آهي.

نديءَ جو جل ساگر ۾ سمائجي،
ٻاڦ ٿي، بادل ٺهجي، وسڪارا ڪري ٿو نديءَ مٿان،
ندي نڪا گم ٿي، نڪا ڪاري ٿي
ندي جنهن جو تتُ قائم آهي.

گل سنسار کي سونهن ۽ سرهاڻ ڏئي، ختم ٿي ويو،
سمت ئي هڪ گل جي جاءِ تي اُڀرڻ لڳا ٻيا ڪيترا گل،
گلستان جنهن جو تتُ قائم آهي.

ڪاليداس جي آتما سمائجي وئي شيڪسپيئر ۾،
شيڪسپيئر جو روح سمائجي ويو شاهه لطيف ۾،
شاهه واپس اچي ويو ٽيگور جي روپ ۾،
ڪوتا جي قطار جنهن جو تتُ قائم آهي.

زندگي سدائين ڏياري ملهائيندي رهي،
وقت جو طوفان ڏيئا وسائيندو رهيو،
زندگي ڏيئا ٻاريندي رهي،
جڳ ۾ جهرمر جنهن جو تتُ قائم آهي. ❊

۲۴. هــايــا

چنڊ کي ٻنيءَ جي پاڻيءَ ۾ ڏٺو ٿسين،
ڄار، اندر اُڇلايم.
ڄار ٻاهر ڪڍيم تہ اهو خالي هو،
۽ چنڊ اهرن ۾ اُتي رهيو هو. ※

٢٣. اوڪ ٻوڪ

هُن دان نہ ڏنو، چيائون تہ ڪنجوس آهي
دان ڏنائين. چيائون تہ ناليءَ لاءِ ڏنو هري.

هن دل کولي پيار ڪيو. چيائون تہ جذباتي مورک آهي.
پيار جو ڏيکاءُ نہ ڪيائين. چيائون تہ رُکو روح آهي.

هن پوڄا پاٺ ڪيو. چيائون تہ پاکنڊي آهي.
مندرن کان ڪنارو ڪيائين. چيائون تہ ناستڪ آهي.

راڄنيتيءَ ۾ گهڙيو، چيائون تہ گپ ۾ گهڙيو آهي،
سياست کان پاسو ڪيائين. چيائون تہ ڊرپوڪ آهي.

هن غزل ۽ گيت لکيا. چيائون تہ روايتي شاعر آهي.
نئين ڪوتا لکيائين. چيائون تہ بکواس ٿو لکي. ❊

٢٦. هڪ دوست

أڳي هو نِوڙي گڏجندو هو،
هاڻ ته ڪي قدر جهڪي گڏبو اٿم.

ڪجهه وقت کان، هُو ليڊر ٿي پيو آهي.

اڳي گڏبو هو ته چوندو هو،
دادا آسيس ڪجو،
پر هاڻ گڏبو آهي
ته فخر سان چوندو آهي
”دادا، ڪو ڪم چئو.“ ❊

٢٥. ڀاڪرا ننگل

ڀاڪرا ننگل، هزارين فوٽن تان ڪرندڙ اٿاهه جل،
انيڪ شينهن جي ڳجگوڙ،
هيٺ...... هيٺ،
جل جي اُڇل ۽ اُڏام، لُڙ لهرين، نس ليٽ،
۽ شاهي هائيڊرو اليڪٽرڪ پاور هائوس،
شڪتيءَ جو ڀنڊار.

پر اُن کان به وڏيڪ شڪتي شالي،
بجليءَ جا اَٿاهه ڀنڊار
مون ڏنا آهن پنهنجي ديش ۾.
هرهڪ جوان، هرهڪ جوانڙي،
آهي اسانجو ڀاڪرا ننگل،
شڪتيءَ جو شاهي ڀنڊار.

ضرورت آهي اڪابر انجنيئر جي
جو اُن شڪتيءَ کي ڪٺو ڪري
کڙو ڪري اهڙو پاور هائوس
جنهن مان نه رڳو ديش کي،
پر دنيا کي ملي سگهي اليڪٽرڪ پاور.
آهي ڪو؟

٢٨. ٻاهر تالو، اندر آءٌ

اَڄ دل جي دروازي ٻاهران هڻي ڇڏيو اٿم تالو،
۽ اندر ٿي اندر، مان ويٺو آهيان لڪي.
اَڄ مان ڪنهن سان ڪونه ملندس
اَڪيلو ٿي اَڪيلو عيش ڪندس — پنهنجو پاڻ سان.

اي غم! جي تون اڄ ايندين،
ته ٻاهران تالو ڏسي موٽي ويندين
اي سوچ، تون به اڳو پوءِ سياڻي اڇڻ،
۽ غم سان گڏ وڃي، سس پس ڪجانءِ.

اي سنسار، نه ڪٽي اچجانءِ اَڄ، پنهنجا اڻ ڇڪتو ٿيل ٻل،
مان هوندس ٿي ڪونه،
ٻل ڪير پرندو؟
اي آئينده جا اونا، او من جا مونجهارا،
اَڄ توهان نراس ٿي موٽي ويندا،
اَڄ مان ٻاهر ويل آهيان،
اَڄ مان ڪنهن سان به ڪونه ملندس،
اَڪيلو ٿي اَڪيلو، عيش ڪندس،
پنهنجو پاڻ سان. ❋

٢٧. وڃان ٻه ته ڪيڏانهن وڃان؟

مان آهيان هڪ شاهي وڻ،
پاڙون ڌرتيءَ ۾ دٻيل آهن،
پر ٽاريون آهن آڪاس سان ملڻ لاءِ اتاوليون
منهنجي ڏار ڏار تي آهن اڏل،
آرزن جي پکين جا آکيرا.

مان آهيان هڪ ڦهليل تلاءُ،
سانوري جل ۾ ٽرندڙ
ڪنول گلن جون اکيون ٽڪن ٽيون اڀ ڪي،
ٽري ۾ پيو آهي اٿاهه ڪچرو،
ڪناري تي گپ چڪ ۾ ٽڙيل،
خواهشن جا ڏيڏر ٽان ٽان ڪري رهيا آهن.

مان آهيان نيرو آڪاس،
مان مٽي،
پر پاڇولا ڌرتيءَ جي ڍنڍن ڍورن ۾ پيا لڏن،
مونکي ڍڪي ڇڏيو آهي ڪامنائن جي رنگين ڪڪرن.

مان آهيان عرشي پکيئڙو،
پر ڌرتيءَ جو پڃرو،
واسنا جي وايومنڊل ۾ اڏامي رهيو آهيان،
ٻيو وڃان ٻه ته ڪيڏانهن وڃان؟ ❊

۳۰. پوپٽ

مان پوپٽ آهيان ، گل گل تي ڦيرا ڏيندو آهيان.
ڇهان ٿو سڀني گلن کي ؛ رس چکان ٿو هرهڪ جي.
منهنجو حق آهي سڀني گلن تي.
سموري گلستان جا گل آهن مون لاءِ.
سڀ آهن منهنجا،
مان بہ آهيان سڀني جو،
پر خاص ڪنهنجو بہ نہ.

سڀ آهن منهنجا،
منهنجو ناهي ڪوئي بہ،
مان آهيان سڀني جو،
پر خاص ڪنهنجو بہ نہ. ※

٢٩. ٻرپوڪ سُورج

مان هڪ سُورج آهيان،
جتي وڃان، اُتي آهي روشني ئي روشني،
مون اوندهه ڏٺي ئي ڪانه آهي،
ٻڌان ٿو ته اَنڌاري ۾ به هڪ اَنوکي جوت آهي،
مان اوندهه ڏسڻ چاهيان ٿو،
پر شايد اُن کان ڊڄان به ٿو،
مونکي ڳرڪائي وڃي نه ......!

٣٢. منهنجو سرير

اي منهنجا سرير، مونکي خبر آهي تہ تون بيوفا آهين ۽ هڪ ڏينهن مونکي ڇڏي ويندين. تون مون سان پلي نہ نڀاءِ، پر مان توسان نڀائيندو رهندس.

توکي رشت پشت رکڻ جي ڪوشش ۾، مان توکان خوب محنت ڪرائي، توکي سادو پر صحتمند کاڌو کارائيندس. توکي صاف سٿرا ڪپڙا پهرائيندس. تون مونسان پلي نہ نڀاءِ پر مان نڀائيندو رهندس.

اي سرير، تنهنجي ڪري ئي تہ مونکي نجي سڃاڻپ آهي، تنهنجي ڪري ئي مونکي نالو آهي (اها ٻي ڳالهہ آهي تہ منهنجا ماءُ پيءُ مونکي ٻيو بہ ڪو نالو ڏيئي سگهن ها.) نالي سان ئي سڀ سڃاڻن ٿا. تنهنجو روپ ئي منهنجي واقفيت آهي (توڙي تنهنجو روپ بدلجندو ئي پيو رهيو آهي.) تون ڇڏي ويندين تہ منهنجي واقفيت بہ گم ٿي ويندي. ۽ مان گذري ويل ڪئين ڪروڙن ماڻهن ۾ هڪ ٿي ويندس. شايد ڪجهہ ڏينهن ڪي ماڻهو ياد ڪندا. شايد فوٽو

٣١. رچنا

مان ايشور جي رچنا آهيان،
(ائين ٻڌو اٿم)
ايشور منهنجي رچنا آهي،
(اها ڄاڻ اٿم)
اسان ٻنهي هڪ ٻئي جي رچنا آهيون،
(ائين سمجهان ٿو)
پر هڪڙو فرق آهي،
(۽ اهو مکيه فرق آهي)
ته هو آهي يا ناهي،
تڏهن به مان ته آهيان،
پر جي مان ناهيان،
ته هو به ناهي. ❋

٣٣. اڻاهه اوندهه مان

اڻ کٽ اوندهه.
۽ انمٽ اڪانت جي ڪاري ساگر مان،
اچانڪ اڀري آهي روشنائيءَ جو روح.
ماءُ بڻجي،
ونکي لڳائي ڇڏيائين سيني سان،
مقدس ماٽا جي چڳڙهندو رهيس ٿڃ،
۽ روشن ٿيندو ويو،
منهنجي دل جو اندارو! ❋

به ٽنگيندا ۽ هار به چاڙهيندا. پر اهو فوٽو تنهنجي آڪار جو هوندو ۽ هار به توکي چاڙهيندا. ان ڪري مان توکي پيار سان پاليندس، تون ڀلي نه نڀاءِ، پر مان نڀائيندو رهندس.

اي منهنجا سرير، تون آهين ته مان ڪجهه ڪري سگهان ٿو. ڪي ڳوڙها اگهي سگهان ٿو. ڪنهنجي دل وٺي سگهان ٿو. ڪنهنجي وارن ۾ گل اٽڪائي سگهان ٿو. ڪجهه باغ بستان لڳائي سگهان ٿو. ڪجهه ٻري بنياد وارا وڻ، پاڙون پٽي سگهان ٿو. تون آهين ته مان ڪجهه بڻي سگهان ٿو. ان ڪري، تون ڀلي نه نڀاءِ، پر مان نڀائيندو رهندس.

منهنجا سرير، مونکي خبر آهي ته مان هڪ عرشي پکيئڙو آهيان ۽ تون منهنجي لاءِ هڪ پڃرو آهين. تنهنجي ڪري ئي مان مڪان ۽ زمان جو قيدي آهيان. تو بنا، مان اننت، اسيم ۽ اپار آهيان. پر تون ئي آهين منهنجي پريم ۽ شيوا جو وسيلو. ان ڪري جيستائين تون مون سان گڏ آهين، تيستائين مان تنهنجي سنڀال ڪندس. تون ڀلي نه نڀاءِ، پر مان نڀائيندو رهندس. ☼

ها، مان آهيان هڪ پورڙو.
گهر جي باغيچي ۾ پوکيا اٿم گلاب ۽ موتيو،
صبح جو اچي بيهندي آهي پاڙيسري ٻارڙن جي قطار،
مونکان گل وٺي، هو واپس وڃن گلن جيان ٽڙندا،
شايد ٿئي کو ٻڇندو آهي گل، منهنجي ننڍڙي باغ ۾،
پر مان آهيان ٻارڙن جي خوشيءَ ۾ خوش.

ها، منهنجو عقل آهي ڪي قدر ڪمزور،
هڪ غير واقف کي ڏٺم گپ ۾ ڪرهل،
اُٿي نه پيو سگهي، لڳي هيس ڪا چوٽ،
مون ڪيس اٿاريو ۽ ڪيم سندس علاج،
منهنجا ڪپڙا ٿي پيا خراب ۽ ويرٿ ويو وقت،
مونکي ڏسي، تون خوب کلين منهنجي عقل تي،
پر مسافر جي چهري تي ڏسي چمڪ،
منهنجي انڌاري ۾ چمڪي اُٿيا ڪيترا ئي چوڏسي چنڊ!

هائو دوست، مان سچ پچ آهيان اهڙين ئي،
جئين تون سمجهين ٿو مون لاءِ،
قائم رهي تنهنجو سونهري ۽ سکي سنسار،
مون ديوانيءَ کي رهڻ ڏي، پنهنجيءَ ئي دنيا ۾. ❊

٣٤. اڻاڙي

تون سچ ٿو چوين،
ته مان آهيان هڪ اڻاڙي ۽ نهايت ئي نڪمو ماڻهو.
نه ڪري سگهان ٺڳي ۽ نه ڳالهائي سگهان ڪُوڙ،
تون پيسو ٿو ميڙين چالاڪيءَ ۽ دولاب سان،
مان ڏن پتي ڪونه ٿي سگهيس،
ان ڪري مان برابر آهيان هڪ اڻاڙي.

ها، مان آهيان هڪ ناڪامياب اِنسان.
ڀرائي نه سگهيس پنهنجي پتنيءَ کي،
سونا، روپا زيور يا قيمتي ڪپڙا،
نه ڏيائي سگهيس ٻارن کي ٻُونجهي پتي.

ها، مان بلڪل ئي آهيان هڪ سادو ماڻهو،
ناڻي وارن ۽ نيتائن جي اڳيان پيچ لوڙڻ بدران،
جيءَ ۾ ڏيندو آهيان جاءِ،
غريب ودوانن ۽ ڪلاڪارن کي.

ها، مان آهيان حد کان وڌيڪ اٻوجهه ۽ اياڻو،
منهنجي ڏسندي ڏسندي، ماڻهو ڏين مونکي دوکا،
هو سمجهن ته مون ڏٺو ئي ڪونه،
مون وٽ آهي ئي ڇا، جو مونکي ٺڳيندا؟

٣٦. رات

ستارن سان جڙيل نيري ھوتي،
اکين ۾ ڪجل،
پيشانيءَ تي ٽڪ.

چوڌاري خاموش انڌارو ڏسي،
ھوءَ منھنجيءَ ڪڇ ۾ اچي ويٺي.
ڇاتيءَ سان لڳائي،
خوب پيار ڪيومانس.
دل جا حال ونڊيامانس.

ھوءَ ٻڌندي رھي چپ چاپ،
مشڪندي رھي،
پيار ڪرڻ ڏيندي رھي.

...... اچانڪ اوڀر ۾ ڏسي ڳاڙھاڻ،
ھوءَ ڀڄي وئي،
۽ بنا ٻڌائڻ جي کسڪي وئي. ❊

٣٥. ڪيڇڙ ۽ ڪڇرو

تون ٻلي چؤ،
ته منهنجي سرير اندر
انبار ٻريل آهن ڪيڇڙ ۽ ڪڇري جا.

پر ڇا، توکي ناهي خبر،
ته ڪيڇڙ مان ئي نڪرندا آهن ڪنول جا گل،
۽ ڪڇري مان ئي ٺهندو آهي پاڻ،
۽ اُن جي پاڻ ڪري پيدا ٿيندو آهي
رشت پشت اَناج،
۽ اُن مان ئي نڪري ايندا آهن
اهڙا پيلا ۽ ڳاڙها گل! ❊

۳۸. سمپورڻ اوتار

گوتم (ٻڌ) پنهنجيءَ استريءَ جو تياڳ ڪري،
سنياسي ٿيڻ جي هليو ويو ٻن ڏانهن.
کيس ٻارهن ڪلا سمپورڻ اوتار مڃيو وڃي ٿو.

شري رام ته ويو ٻن ڏانهن،
پڻ پنهنجيءَ استريءَ سميت.
هُو سنياسي ڪونه ٿيو،
کيس چوڏهن ڪلا سمپورڻ اوتار ڪوٺيو وڃي ٿو.

شري ڪرشن ڪونه ويو ٻن ڏانهن،
راسيون رچايائين گوپين سان،
لاڏون لڏائين ڪيترين استرين سان
ماڻيائين راڄائي عيش،
کيس ليکيو وڃي ٿو سورهن ڪلا سمپورڻ اوتار ※

٣٧. آهي ڪو؟

انسانيت جي اسپتال ۾،
تهذيب ترقي رهي آهي،
هوءَ بيحد بيمار آهي.
ڪنهن هوشيار ڊاڪٽر جي ضرورت آهي،
جو يا ته ڪيس شفاياب ڪري،
يا موڙهو ئي ماري ڇڏيس.
جيڪي ڊاڪٽر موجود آهن،
هو ڪيس ڪٽڻ ۾ خطرو محسوس ڪري رهيا آهن.
ڇو ته بيمار خطرناڪ آهي،
اڳيون رڪارڊ ائين آهي،
ته هن بيمار،
ماري ڇڏيو آهي خود ڊاڪٽرن کي.
سقراط، عيسيٰ، منصور، گانڌيءَ
۽ ٻين ڪيترن ئي ڊاڪٽرن،
هي ڪيس ڪيو هو هٿ ۾،
۽ سڀني کي ماري ڇڏيو هن بيمار.

آهي ڪوئي اهڙو،
جو کڻي هيءُ ڪيس هٿ ۾؟ ❋

هن صلاح ڏني ڪنتيءَ کي،
ته هوءَ دعوت ڏئي ڌرمراج کي،
ائين پيدا ٿيو ڌرم اوتار يڌشٽر.
ڪنتيءَ ۽ وايو ديوتا جي ميلاپ جو ڦل هو ڀيم،
اهڙيءَ طرح گرهستي ڀوڳ جي دائري کان ٻاهر
پيدا ٿيا ارجن، نڪل ۽ سهديو،
انهن پنجن ئي پانڊون خوب نالو ڪڍيو سنسار ۾.
ڪنواري هوندي به
ڪنتيءَ سنڀوڳ ڪيو هو سوريه ديوتا سان،
۽ پيدا ٿيو مهاٻلوان دانوير ڪرڻ،
اهي سڀ هئا ناجائز ٻار.

پر تنهن هوندي به هن معصوم ديوتا کي،
جو آهي ناجائز ٻار،
سڀ سڏن ٿا حرامي.

ته پوءِ ڇا چئجي ويد وياس
۽ ٻين سمراٽ سورويرن
داتا دانويرن کي؟ ❊

٣٩. ناجائز ٻار

هي هڪ ناجائز ٻار آهي. لوڪ کيس نفرت جي
نگاهه سان ڏسن ٿا. کيس حراميءَ جو نالو ڏيئي، هرڪو
پنهنجيءَ حقارت جو اظهار ڪري رهيو آهي.

هن کي ڏسي ياد اچيم ٿي مهاڀارت جي ڪٿا،
پوتر مهاڀارت کي سڏن ٿا پنجون ويد.
ان ۾ ڪيئين ناجائز ٻار
وڏي رعب تاب سان گهمندا ڦرندا ڏسون ٿا.

مهارشي پاراشر، مهاڻيءَ ستيوتيءَ سان ڪئي زوري،
سندن ميلاپ مان پيدا ٿيو ويد وياس.
مها ودوان ويد وياس،
جنهن رچنا ڪئي مهاڀارت (۽ گيتا) ۽ ڀاڳوت جي،
اُن ويد وياس پنهنجيءَ هڪ ڀاڄائيءَ کي ماڻيو
۽ پيدا ٿيو ڪورون جو مڙهي ڌرتراشٽر.
وري ٻيءَ ڀاڄائيءَ کي به ماڻيائين،
۽ پيدا ٿيو مهاراجا پانڊو.
پانڊوءَ کي سراپ مليل هو
۽ هو نه ماڻي سگهندو پنهنجي استري ڪنتيءَ کي،
کيس ضرورت هئي اولاد جي.

٤١. ڇا، ڇو ۽ ڇا لاءِ

مونکي خود پنهنجي خبر ئي ناهي،
ته مان ڇا، ڇو ۽ ڇا لاءِ آهيان،
ته پوءِ،
مان سرشٽيءَ جي اُن رچيندڙ ايشور کي،
ڄاڻڻ جي ڪوشش ڪريان، ڇو ۽ ڇا لاءِ؟

مون لاءِ آهي اِها ڄاڻ ڪافي،
ته مان آهيان هڪ انسان،
جو لوڪي، هِن کي، هُن کي ۽ سڀني کي،
پيار ڪري ٿو.
منهنجو ڪهڙو واسطو ته هيءَ مانداڻ آهي،
ڇا، ڇو ۽ ڇا لاءِ؟

جيڪڏهن منهنجيءَ دل ۾،
سڪي وڃي پيار ۽ همدرديءَ جو چشمو،
ته ائين سمجهندس پاڻ لاءِ،
ته مان آهيان ڪفن ۾ ويڙهيل
گهمندڙ ڦرندڙ مڙدو. ※

٤٠. امر پکي

پکيئڙو آڪاس ۾ اُڏري رهيو هو،
هيٺان، زندگيءَ جي شڪاريءَ،
ناڪام آرزن جي ڪمان مان،
هُن ڏانهن ڦهڪايو هڪ تير،
تير تز وڃي لڳو.

پکيئڙو ڪري پيو هيٺ،
۽ ڦٿڪي ڦٿڪي ...... مري ويو.

پر ڏسڻ کان پوءِ ٿيو هڪ ڪرشمو
پکيءَ ۾ وري اچي پيا پران.
هن ڌيري ڌيري ڪر موڙيا،
۽ آهستہ آهستہ اُڏامڻ لڳو.
ٿوري وقت کان پوءِ ...... وري اڳي وانگر،
اُڏامڻ لڳو عرش ۾.

بار بار لڳا آهن باڻ هن کي،
۽ وري وري مري ٿيو آهي زنده.
آس امر پکي آهي. ❋

٤٣. ڪنڀار جو چڪ

ڪنڀار جو چڪ چلي رهيو آهي تيزيءَ سان
ٺانوَ ٺهن ٿا ٺانوَ ڀڄن ٿا،
پر چڪ چلي رهيو آهي ساڳيءَ رفتار سان.

ڪيترا دلا ۽ ٻيا ٺڪر جا ٺانوَ،
پاڻيءَ سان ڀرپور،
رکيل آهن اُس ۾.
هرهڪ ۾ لڏي رهيو آهي عڪس سورج جو.
ڪيترا نه آهن عڪس، هڪ ئي سج جا!

وقت جو ٻالڪ،
کڻي لڪڙي موت جي،
ٽوڙي ٿو ڇڏي ڪيترا ئي ٺانوَ،
۽ گم ٿي وڃي ٿو سُورج جو عڪس.
پر سُورج جڳن جو ٽڳن قائم آهي،
هو نه ٺانون ۾ گهڙيو هو
۽ نه نڪتو آهي ٻاهر. ❊

٤٢. اِنسانيت

تهذيب جي کنڊهر ۾،
ڪڙي ڪڙي روئي رهي آهي انسانيت،
سندس سرير تي وستر آهن ليڙون ليڙون.
سندس اُگهاڙپ ٻاهر ليئا پائي رهي آهي.
هوءَ ڪوشش ٿي ڪري لڄ کي لڪائڻ جي.

ڪي لفنگا ۽ بدمعاش،
شهوتي نظرن سان ڏسن ٿا هن ڏي گهوُري گهوُري،
وڌي رهيا آهن هن ڏانهن ڪي وحشي.
پاڻ کي بچائڻ لاءِ،
هوءَ ڪري ٿي زور سان رڙيون.

پر سندس ٻار،
سندس اکيان ئي
مست آهن پنهنجيءَ راند روند ۾. ❊

۴۵. روشن آئيندو

زهر جو پيالو ڏاڍو غمگين هو،
بار بار سوچي رهيو هو،
ڇا انساني ڪک خالي ٿي وئي؟
هڪ ڀيرو ئي جڻيائون سقراط جهڙو مهاتما،
جڏهن سان ملڻ جو مليو موقعو،
ٽن چئن هزار سالن ۾،
صرف هڪ دفعو!

صليب کي به ساڳي شڪايت هئي،
ٻن هزار سالن ۾، صرف هڪ ئي ڀيرو،
مون درشن ڪيو مهاتما ڪرائيسٽ جو،
صرف هڪ دفعو!
اعليٰ انسان جي ڪيڏي نه آهي کوٽ!

۴۴. هڪ تصوير

صدين جا پراڻا پيچرا،
سالن جي سڙيل بيل گاڏي،
ڏيهن ۽ رات جا جونيل ڍڳا،
گاڏي ...... ڏيري ...... ڏيري
رڙهي رهي آهي،
تون، آن ۽،
(هن جيٽ جي زماني ۾)
آرام سان
هٽي رهيو آهين ڪونگهرا. ❊

۴٦. ڌرم - ويرُ

تون ڌرم - ويرُ ۽ ڪرم - ويرُ آهين.
تنهنجو هر ڪرم، ڌرم لاءِ ٿي ته آهي.
تون سر سان ڪفن ٻڌي
نڪرين ٿو خون ڪرڻ اڌرمين جا.
ڌرم لاءِ ڪابه قرباني ناهي قيمتي،
اهو ويچار نه ڪرڻو آهي،
ڪير وڌوائون ٿيون، ڪير ڇورا ٿيا،
ڪنهنجا لال لٽجي ويا،
ڌرم نيمت ڌرم آهي،
رت جي آهوتيءَ بنا، ڌرم ڪهڙو؟

گولين جي ٺڪاٺوڪيءَ ٿي،
۽ گرم خون جي ڇنڊڻ سان،
جاڳي اٿيو آهي تنهنجو ڌرم - گروُ.
ڪيس واڙهي ويو آهي خوف،
نه تون ڌرم - ويرُ، ڪرم - ويرُ،
ورچي ڪيس ٿي نه بڻائي ڇڏين ڌرم - آهوتي. ※

سُوريءَ کي ٻه ساڳيا ٿي سُور هئا،
هڪ هزار سالن جي لنبي عرصي ۾
صرف هڪ ئي منصور سان ٿي هيس ملاقات،
ڪيڏو نه قحط آهي
حق جي علمبردارن جو!

هي سڀ ڏسي ٻڌي رهي هئي شيهي جي گولي،
هن چيو، "منهنجو ڀاڳ آهي بهتر توهان سڀني کان،
توهان سڀ ته چڪا آهيو مدي خارج،
مان مڙني ۾ آهيان مقبول ۽ مقدس (پوتر ۽ پريه)
تازو يـگ - پرش مهاتما گانڌيءَ سان ڳلي لڳس
امريڪا جي پريزيڊنٽ جي سيني مان پار ويس،
ان کان پوءِ پريه درشني اندرا،
ان کان پوءِ هر يـگ - پرش
هر شڪتيشالي انسان جي پوئتان
مان گهمي رهي آهيان ......"

جيسين ساسَ، تيسين آسَ
منهنجو آئيندو بلڪل روشن آهي! ※

٤٨. خوش فهمي

ڪنول جو گل، هير جي هندوري ۾ جهولي،
واءَ کي واسي رهيو آهي.
سونهن جو جادو پکيڙي رهيو آهي.
پر جي مان ويهي سوچيندس،
ته سندس پاڙ ۾ ڪيترو ۽ ڪچرو آهي،
ته سندس ڳپ ۾ ڪيڙا آهن،
ته مان ديوانو ٿي پوندس.

مونکي چنڊ وڻي ٿو،
ساوري تلاءَ ۾ پيهي، لڏندو آهي لهرن تي،
ڪيترين نه ڳالهين ڪندو آهي مون سان!
پر جي مان ويهي سوچيندس،
ته هيءُ سچ پچ نرجيو آهي،
هڪ بيجان شاهي پٿر جي ڇپ آهي
ته مان ديوانو ٿي پوندس.

مونکي هوءَ وڻي ٿي،
مرڪڻ سان موهيم ٿي،
سندس سونهن ڇريو ڪري ٿي چت کي،
مان ڇو ويهي ڪريان سندس ڇيد،
ته هوءَ ٺهيل آهي رت، پونءِ، هڏن ۽ ماس جي؟
دوست، مونکي ديوانو نه ڪر،
مونکي رهڻ ڏي پنهنجي خوش - فهميءَ ۾. ❊

۴۷. اُلجھن

هو پنهنجي پتنيءَ کي ڏاڍو پيار ڪندو آهي.
اُسر جو دل ٽيس نه ٻڌائي چنبيليءَ جي ويڻي،
انڪائي هن جي چوڻي ۾.

ٻرسان باغيچي ۾ ويو گلن واسطي.
مالهيءَ جي جوان ڌيءُ کيس ڏسي مرڪيو،
موٽ ۾ هن به مرڪيو.
ٿي ويو پيار پندرهن منٽن ۾.

ڇوڪريءَ کي پيسا ڏئي،
چنبيليءَ جا گل ڪٽي موٽيو.
هٿن سان ويڻي ناهي،
ٻاڌائين پنهنجي زال کي پيار مان،

پيار ۾ ڪمي آئي ڪانه،
پر سندس دل ۾ اُٿيو سوال
ته هيءُ هن ڇا ڪيو؟ ❋

٥٠. "ن" ڏانھن

تون سدا گلاب آھين،
رنگ ۽ خوشبوءِ سان ڀرپور،
ڏوھڻ سان بہ نہ لڌم ان ۾ ڪوئي ڪنڊو،
مان ڇھائي ڇڏيان ٿو ڇاتيءَ ۾،
سواس ڀرجي وڃن ٿا سڳنڌ سان.

مون والوڙي ڏٺو تنھنجو پريم ساگر،
نڪتو اُن مان امرت ئي امرت،
زھر جو ھڪ ڦڙو بہ ڪونہ ھو.

تو سان گڏ، ھر سمو آھي صبح جو پھر،
ھر موسم، بسنت جي رُت آھي،
ھر سوُر، سُرھو سک آھي،
زندگي جيئڻ ۽ ماڻڻ لائق آھي.

تو کان سواءِ، گھر اُگھر آھي،
تون منھنجي ڪوتا، تون منھنجي قسمت آھين،
تون منھنجي سرسوتي آھين،
منھنجي لڪشمي آھين.

زندگيءَ جي اَٿاھ کاري ساگر ۾،
مون لاءِ آھين تون روشن مدار،
توکي ڏسندي ئي ڪريان ٿو محسوس،
مونکي ملي وئي پوري پناھ.

نراشا جي ڇوليدار سمنڊ ۾،
تون مون لاءِ آھين شاھي ٻيڙو،
ان ۾ چڙھڻ سان ئي سمجھي وڃان ٿو،
پھچي ويس ھن پار! ❊

۴۹. ٽي. وي.

عقل جي انٽينا کي ڦيرائي گهيرائي رهيو آهيان،
چت جي چئنلس (Channels) کي بدلائي سدلائي رهيو آهيان،
ٻارڪپڻيءَ جي ٻُوسٽر کي هيڏي هوڏي،
گهمائي رهيو آهيان،
پر من جي ٽي. ويءَ تي، وري وري اچي رهي آهي
ساڳي تصوير،
تنهنجي تصوير!

٥٢. پُوڄاري

زور زور سان گھنڊ وڄائي،
اوڙي پاڙي جو سک ڦٽائي،
لائوڊ سپيڪر تي ڀي سرا ڀڄن ڳائي،
طبلي تي زور زور سان ٿاڦ لڳائي،
پوڄاري! تون ڇڏيندين ڀڳوان کي ٻوڙو بڻائي،
ٻوڙي بڻجڻ کان،
هو پسند ڪندو مندر مان ڀڄي وڃڻ.
ٻيلي، ڏاهو ٿيءُ، ائين نہ ڀڄاءِ ڀڳوان کي.

هڪيو رکي ڀڳوان کي، ڀرين ٿو پنھنجو پيٽ،
ڀڳوان دردري ۽ ڀرپور تنھنجو هٿڪ ٻڌلدس،
ڀڳوان ڀڄري ۾ هند ۽ تون ٻاهر ڪرين عيش عشرت،
ڀڳوان جي نالي کان وڌيڪ مشهور نالو تنھنجو.
تنھنجي اهڙي هلت ڏسي، پُوڄاري!
تنھنجو ڀڳوان چاهيندو هوندو نہ
هو بڻائي توکي ڀڳوان،
پاڻ بڻجي پوي پوڄاري. ❊

٥١. پاڙ ڏانهن

ڪوٽ، ڪوٽ، ڪوٽ،
مَن ۾ لڪل ڪاٺين کي ڪوٽ،
لڪل هيرا جواهر ۽ رتن ڪوٽ،
شاهوڪار ڪر جڳمڳ کي،
سکي ڪر پاڙ کي.

ولوڙ، ولوڙ، ولوڙ،
مَن ساگر کي ولوڙ،
ضرور ملندءِ امرت،
ٻوند ٻوند سيڙي لاءِ،
هڪ ٻوند تو لاءِ پي. ❊

تون شاعر آهين يا چور؟
هتان هتان جا خيال کڻي،
پراڻن کي پنهنجو ڄاڻائي،
پنهنجيءَ شاعريءَ جو ٺپو هڻي،
ڏيکارين ٿو عام کي!

تون شاعر آهين يا ڌوٻي؟
سڪيانن جو ٿورو صابڻ کڻي،
گهمندو وتين ٿو،
سنسار جي گندڻ گهٽين ۾؟

تون ڇو ٿو ڪوشش ڪرين
نه مسخرو، ڀڪاري يا ڌوٻي ٿين،
تون شاعر آهين،
شاعر ٿي رهه، شاعر ٿي جيءُ. ❊

٥٣. شاعر ڏانهن

تون شاعر آهين يا سرڪس جو مسخرو؟
جو تون چاهين تہ عام آدمي،
تنهنجي شاعري ٻڌي،
ڪن واهہ واهہ، يا وڄائن تاڙيون!

تون شاعر آهين يا ٻڪاري؟
جو تون ڪٽي گهمندو وتين،
پنهنجن گيتن غزلن جو ڪشتو
ڪن ڳائيندڙن جي ٻوٿان،
تہ هو پنهنجي خوش ڳلي جو وجهن،
اَن ۾ ڪو رپيو يا ننڍو وڏو سڪو!

تون شاعر آهين يا اڪائونٽنٽ؟
سدائين پيو رکين حساب ڪتاب شبدن جو،
هتي ماترا گهٽ آهي،
هتي پد وڌيڪ آهي،
هتي گڙٻڙ آهي ڇند جي ليکي ۾!

٥٥. هڪ ٻڪنيئڙ ڏانهن

شايد تون قيد ڪري سگھندين
سمنڊ جي ڇنڊن ڇولين کي،
ٻُساڻي سگھندين طوفانن کي،
روڪي سگھندين آڪاس ۾ ٻجلين جي چمڪڻ کي.
اُڏو ڪري سگھندين ٻرندڙ جبل جي پيٽ کي،
بندش وجھي سگھندين زلزلن تي،
پر اي انهي شڪتيءَ جا آقا،
اي جيلن ۽ ڦاسين جا صاحب،
هاڻي تون وڌيڪ دٻائي نه سگھندين،
ملڪي مستانن کي.

هنئر هو ڪُل زنجيرون ٽوڙي،
لوهي دروازا ڦوڙي،
نعرا لڳائيندا، گيت ڳائيندا،
ٽانڊو ناچ نچندا
وڌي رهيا آهن تو ڏانهن،
او ڪيدي،
جي پڃڙو اٿيئي
نه ٻڄ. ❋

٥٤. هڪ عام ماڻهوءَ ڏانهن

ڪير ٿو چوي ته توکي ناهي ڪا به اهميت؟
هر چترڪار جا چتر ۽ سنگتراش جا حسين بت،
سڀ منتظر آهن تنهنجي واهه مان واهه ٻڌڻ لاءِ.
ليکڪن ۽ شاعرن جون رچنائون،
وڪڻڻ لاءِ
ويڳاڻيون آهن تنهنجي واکاڻ ٻڌڻ لاءِ
آرڪيٽيڪٽ (Architect) خلقي ٿو خوبصورت عمارتون،
تنهنجي داد حاصل ڪرڻ لاءِ.
فلم پروڊيوسر جو تون آهين اَن - داتا،
اَمير جو ادمير آهي تنهنجي اَڏين.
تون آهين انقلاب جي آتما،
ديش ديش جا پريزيڊنٽ، پردان منتري ۽ سڀئي عملو،
سڀ آهن تو لاءِ،
تون ناهين هنن لاءِ.
تنهنجي شردا ٻناءِ خود ڀڳوان به زنده نه رهي سگهي.

ڀيا توکي پنهنجو سمجهن يا نه سمجهن،
پر تون آهين منهنجي جگر جو ٽڪرو،
تون ڪنهن کان به گهٽ اهم، گهٽ امر ناهين،
پرٿوي چمي ٿي تنهنجا پير،
آڪاس مان سج چنڊ ڪن ٿا توکي سلام. ❁

٥٧. شاعر ۽ شاهوڪار

تون مونکان گهڻو وڌيڪ شاهوڪار،
ڇو ته توکي وڌيڪ لوڙ پيسي جي.
ان ڪري تون آهين گهڻو وڌيڪ غريب،
۽ مان گهڻو وڌيڪ شاهوڪار.

مان ڪنگال ناهيان ڪروڙپتين وانگر،
پيسو منهنجي لاءِ ناهي پِيرُ يا پيءُ،
مان ناهيان دولت جو داس،
دولت ئي آهي منهنجي داسي.

تون عياشيءَ ۽ فحاشيءَ جي گپ ۾
پائين سوئر وانگر ليٽڙيون،
ڦاٿو پيو آهين تن جي ڏٻڻ ۾،
۽ وڃين ٿو روز پرڪندو هيٺ ...... ۽ هيٺ.

تنهنجو شڪي سپاءُ سڀني کي سمجهي چور،
پر وڏو چور آهين تون پاڻ،
لکن کي رکي لکيو، رکين پاڻ کي سکيو،
توکان وڏو چور نه ڪو پيو؟

٥٦. هوائي تصويرون

آسمان ۾ گهوُريندي ڳهوُريندي،
اُڀري اچي ٿو سنڌ جو لال نقشو،
ٻاهه ٻري رهي آهي سنڌ ۾.
جلي رهيا آهن سڀئي سنڌي.

ڪي ٻرجستا انسان،
کڻي پاڻيءَ جا ڏول، مٽڪا ۽ هوز پائيپ،
ڊوڙي ڊڪي رهيا آهن آگه وسائڻ لاءِ.
تڪڙي تڪڙي اچي رهي آهي هڪ فائر برگيڊ.
(آڪاس ۾ جدا جدا تصويرون ٺهي رهيون آهن)
فائر برگيڊ رڪجي پوي ٿي.
ماڻهوُ گهٻراهٽ ۾،
ڏسي رهيا آهن هيڏانهن هوڏانهن.
هيءُ ڪِئن ٿيو؟
ڇو ٿيو؟ ڇا لاءِ؟

اوچتو هڪ شاهي راڪاس
ڳڙڪائي ٿو وڃي فائر برگيڊ کي
۽ راڪاس ڊوڙڻ لڳي ٿو.
هوُ ڊوڙي ٿو ٻاهه وسائيندڙن جي پوٺيان،
چاهي ٿو کين ڳڙڪائڻ.

اوچتو، بلڪل اوچتو،
وڪوڙجي وڃي ٿو ٻاهه ۾ خود راڪاس.
ٻهڪجيءَ ٻاهه ۾ جلي ٿو وڃي خود راڪاس.
هيءُ راڪاس هو يا ٻرڙ ٻاڪاس؟

سنڌ جو نقشو صاف ٿي چڪو آهي،
اُڀ اُجلو ٿي پيو آهي.
رنگ وڻڙي چڪا آهن؟ ❊

٥٨. گڏهن جي ڳالهه

ماڻهو ڀل چا به چون، پر مونکي آهي تو لاءِ آدر،
تو ۾ آهن کي اهڙا گڻ جي ٻين ۾ مشڪل ملندا.

تنهنجو اهو سڌانت آهي ڪيڏو نه اعليٰ ۽ عملي،
ته ڌن ڪمائڻ لاءِ وساري ڇڏڻو آهي نيتيءَ ۽ انيتيءَ کي،
ڀلائي ڇڏڻو آهي قانون ۽ غير قانون کي.
ڪيڏو نه سرل ۽ سندر آهي تنهنجو هيءُ سڌانت!

تنهنجي وويڪ جو ڪتو هيڪر توتي ڀونڪڻ لڳو،
ته تو کارائي ڇڏي ڪيس زهر جي گولي،
۽ سمهي پيو هوءُ ابدي آرام ۾.
هڙي وڌي ويچاريءَ کي ڪري ڇڏيئه ڪن ۾ خلاص!

ٻين کي ٻيوقوف بڻائڻ، ناهي ڪوئي اهڙو جهڙو هنر!
تورو ڪجهه دان ۾ ڏئي، پنهنجو نالو چمڪائين،
۽ پڻ ٻوڪ بڻائين ڀڳوان کي.
ڪيڏو نه آهين هوشيار تون!

اچي ٻوڏ يا ٻوڙي سوڪ
ڌڏي ڌرتي يا مري وڃن هزارين،
پر تون پيئندو رهين سونهري ۽ خوني پيگ،
۽ روز کائيندو رهين ڏهه ويهه ڪورس (Courses).

تون پريشان آهين پنهنجيءَ پونجيءَ ڪان،
حاسد حريص، انڪم-ٽئڪس، چور، باهه،
ڪٿي رکان ٿن، ڪٿن رکان؟
چوراڪوريءَ ۾ ٿي ڪٽجي تنهنجي رات.

موت جو وارنٽ، هرڪو ڪٺي آيو آهي جمڙ سان،
تن هوندي به وڌيڪ ۽ وڌيڪ لاءِ ڇو ٿو ڳنهين جنجال ۽ جوکو
هاڻي به اڃا وقت، ونڊ ورهاءِ ۽ سک پاءِ،
نه ته کائيندين مٿان موچڙا.

مون هن دنيا کي ڏنا آهن ڪيترا گيت،
جهومايو اٿم ڪيترين دلين کي،
ٻڌاءِ، تون ڇا ٿو ڏئي سگهين سنسار کي؟
تون پنهنجي اٿاهه ڌن سان به آهين نرڌن. ※

٥٩. پروفيسر

(ڀھريل تصوير)

پاس ٿيڻ ٿو چاهين؟
چنتا نه ڪر.
مان جو ويٺو آهيان.
تنهنجي مدد ضرور ڪندس.
منهنجي ٽيوشن ڪلاس ۾ آءُ.
ضرور پاس ٿيندين،
وقت پنج کان ڇهه شام.
ڇا اڳيئي پڙهي آهين، ٻئي پروفيسر سان؟
پر مون وٽ ته اڳيئي ڪيترئي batches آهن وديارٿين جون!
چڱو، ڀلي نه آءُ،
ته به سڀ ڪجهه ٺيڪ ٿي ويندو.
امتحان ته منهنجي هٿ جو کيل آهي.
ٽيوشن في ته ڀرڻي ئي هوندءِ.
سڄي ٽرم (term) لاءِ ست سؤ روپيه.
ٺيڪ؟ ...... قبول؟
ڪا به چنتا نه ڪر،
پڪ پاس ٿيندين،
مان جو ويٺو آهيان! ❋

تون نيڪ نيت انسان آهين.
جڏهن تون پنهنجي ڏيءُ،
اڪيلي ڇڏي ويندو آهين پنهنجي اَن داتا وٽ،
تہ تنهنجو ارادو نيڪ ئي هوندو آهي،
تہ صاحب اڪيلائيءَ ۾ بور نہ ٿئي.

تو کي وقت جو وڏو قدر آهي،
غريب مائٽن ۽ پراڻن دوستن کان سدائين رهين دُور ؛
بيڪار ماڻهن سان بيڪار ڳالهيون!
ايڏو وقت ئي ڪٿي آهي تو وٽ.

دادائيرن سان دوستي ۽ هٿ رکڻ حرامين تي،
پناهہ ڏيڻ پليتن کي،
مڙني پاپين تي ديا درشٽي،
اِهو سڀ ڏيکاري ٿو تہ تون آهين سچو مهاتما!

تڏهن تہ چوان ٿو تہ مون کي تو لاءِ آدر آهي،
تو ۾ ڪي اهڙا گڻ آهن، جي مشڪل لڀندا ٻين ۾! ❊
[مول خيال: روسي شاعر، نڪولائي نڪراسوف.]

٦٠. سڀوآليءَ جو هڪ صاحب

صاحب بيحد بزي آهي
توهان هن سان ڪونه ملي سگهندا.
ڇا اپائنٽمينٽ آڏوَ ؟
ساري سر،
پر ڪيس آنريبل منسٽر سڏايو آهي
صاحب به ڇا ڪري؟
وڃڻو ئي پوندس نه!
ڪا اچانڪ ڪانفرنس ٿي پئي آهي،
ٻه ڪلاڪ ته ضرور لڳندا.
ايترو وقت ته لڳي ئي ويندو آهي.
... ...

... ...
صاحب هينئر آيو آهي،
پر آفيسرن سان بزي آهي.
نه، نه،
توهان اندر وڃي نه سگهندا.
... ...
هينئر ته لنچ ٽائيم آهي
... ...
هينئر ٽيليفون تي بزي آهي
هينئر ڪجهه ڊڪٽيٽ ڪرائي رهيو آهي
اَرجنٽ ليٽر ...... ڪانفيڊنشل.
... ...
هاڻي ته پنج وڄي ويا.
وري سڀاڻي ملڻ جي ڪوشش ڪجو

۽ مان حيرت ۾،
هڪ ئي ڏينهن ۾،
هيءُ صاحب،
ڪيئن ٿو ڪري سگهي ايڏو ڪم! ❊

(ٻي تصوير)

دوستو، اسان پاڻ ۾ دوست ٿي نه آهيون
ٽي سال ڪل خوشيءَ ۾ گذري ويا.
اڄ توهان ڪاليج سان الوداع ڪري رهيا آهيو،
مون توهان مان گهڻو ڪجهه حاصل ڪيو آهي،
جوان دل، اُتساهه، موج ۽ مستي،
اِهو سڀ توهان کان مليم،
توهان به مون مان ڪجهه پرايو هوندو،
مون توهانکي سائنس، مئٿميٽڪس وغيره پڙهائڻ سان گڏ،
واقفيت ڪرائي رام، ڪرشن، سقراط، ڪرائيسٽ،
ٻڌ، شنڪر، نانڪ، تلسيءَ، ميرا، سورداس
ڪبير، شيڪسپيئر، شيليءَ، براٿونگ،
والٽ وٽمن، مايا ڪووسڪيءَ خليل جبران،
ٽيگور ۽ شاهه لطيف سان.

ڪرشن هجي يا ڪرائيسٽ، ڪوي هجي يا ڪامل درويش
ويدانتي هجي يـا وگياني، مئٿميٽڪس جـو ماهر هجي
يا مستاني ميرا،
سڀني جي دلين ۾ هڪ ئي تڙڪڻ آهي،
۽ اُن تڙڪڻ جو نالو آهي
ماڻهوءَ سان محبت،
انسانيت لاءِ آدر ۽ پيار جي ٽارچ کڻي،
گهڙي پَلُ سنسار ۾.
جنهن به گليءَ ۾ ڏسو اونده،
اُتي روشن ڪريو پنهنجي ٽارچ ※

٦٢. قومي ليڊر

سر تي گانڌي ٽوپي،
پيرن ۾ چپل،
چوڙيدار پتلون / ڌوتي،
هوائي اڏي تي منتظر ماڻهن جا ميڙاڪا،
ڏاڪڻ تي ٿئي، هوائي جهاز مان درشن،
مهاتما گانڌي کي جئي،
هار ۽ گلدستا،
وي. آءِ. پي. سان واقفيت،
سلامي،
موٽرن جون قطارون
سينگاريل منچ (سلامتي عملو چوڌاري)
شاهي ميڙ (ٽرڪن ۽ بسن ۾ آندل جٿا)
درشن جا اڀلاشي،
ڀارت ماتا کي جئه ...... زنده باد ...... زنده باد.
منچ تان هٿ جوڙڻ،
وري هار ۽ گلدستا،
ڀائرو ۽ ڀينرون ...... وغيره وغيره ......
جئه هند. ❋

٦١. ماڊرن رشي (God man)

وڏا وار،
گيڙو چوغو،
ڳچيءَ ۾ مالها،
ڪئڊيلئڪ جون قطارون
جيٽ رفتارون،
اڄ ڀارت، سڀاڻ يورپ،
پرهينءَ امريڪا،
فائيو اسٽار هوٽلون،
ايئرڪنڊيشنڊ مڪان،
پريمين جون قطارون،
گلدستا، هار،
سينگاريل هال، منچ،
هڪ ڪلاڪ ڀاشڻ ......
جئه سري ڪرشن،
اوم شانتي! ✻

٦٤. بيمار پاپي

(١) پڃري تي ڪٽ چڙهي وئي آهي
اندر پکيئڙو پريشان ٿي رهيو آهي،
پڃرو کولي نٿو سگهجي،
۽ سوڙهين سيخن مان
اندر اُن پاڻي پهچائڻ ۾،
ٿي پيو آهي مشڪل معاملو.
ڪٽ چڙهيل پڃرو کُلي نه ٿو
۽ پکيئڙو ٻاهر نڪرڻ لاءِ منتظر آهي.
٢٤-٥-١٩٨٦

(٢) ٻاز جي چنبي ۾،
ڦٿڪندڙ جهرڪيءَ کي ڏٺو اٿيئي نه؟
ويچاري پاپي به ائين ڦٿڪي رهي آهي.
باز جهرڪيءَ کي نه ڇڏي ٿو، نه کائي ٿو.
بيوس پاپيءَ جون مايوس نگاهون،
چيري ٿيون ڇڏن منهنجي اندر کي.
پر مان ڪري ئي ڇا ٿو سگهان؟
٢١-٥-١٩٨٦

(نوٽ: پياريءَ پاپيءَ جو ديهانت ٥ نومبر ١٩٨٦ تي ٿيو) ❊

٦٣. قومي تقرير

ڀائرو ۽ ڀينرون
اسان سڀ حيلا هلائي رهيا آهيون،
ديش مان غريبيءَ کي مٽائڻ لاءِ،
هميشه لاءِ ...... غريبيءَ کي ختم ڪرڻ لاءِ،
پنج سال يوجنائون،
رنگين ٽي. وي،
انترڪش اڏامون ...... پارٽي اڳره ...... آڪاش ياتري
چنڊ ... منگل گره ... دور ... اڃا به دور.
ڪمپيوٽر ... سپر ڪمپيوٽر،
سڀڪجهه ٿي ويندو.
چنتا بلڪل نه ڪريو،
سرڪار کي سموري ڄاڻ آهي، توهانجي غريبيءَ جي،
پتو آهي توهانجي بک ۽ ڳوٺن ۾ گندگيءَ جو،
باقي بلڪل ڪونهي ... پر سڀڪجهه ٺيڪ ٿي ويندو،
بلڪل جلد، بلڪل جلد.
جئه هند.
(ٽاڙيون) ❊

٦٦. ڪجهه سوچڻ لاءِ

سڄي سنسار کي ڦلواڙي بڻائڻ لاءِ،
جيترو پاڻي گهرجي
اُن کان وڌيڪ موجود آهن جل - ڀنڊار.

اَناج، ميون ۽ سبزين جا ڀنڊار،
مڙني ضرورتمندن جي ضرورتن کان،
وڌيڪ ئي آهن اسان وٽ.

جيتراون تصويرون،
ڪڍي سگهون ٿا مڙئي چترڪار ۽ فوٽوگرافر،
اُنهن کان گهڻو وڌيڪ،
موجود آهن نظارا ۽ موضوع.

هرهڪ پٿر، ڌاتوءَ ۽ ٺڪر ۾،
بند آهن ڪيتراون مورتون،
جي تڙپي رهيون آهن آڪار وٺڻ لاءِ.

٦٥. ٻه ماڻهو

ٻ ماڻهو.
هڪ، خيالن ۾ گم سم
پنهنجن ويچارن کي،
اشبدن جي راڪيٽ ۾ مٿي گهمائي،
هيٺ، عوامي سطح تي لاهڻ لاءِ،
ڳولي رهيو آهي شبدن جي زمين.

ٻيو ماڻهو،
پنهنجن اوچارن کي،
شبدن جي راڪيٽ ۾ زوم سان،
مٿي کڻي وڃي ٿو،
۽ عوامي سطح ڳولي
شبدن جي زمين تي
ڌوم ڌڙاڪي سان،
لهي اچي ٿو هيٺ.
ٻڌندڙ ۽ ڏسندڙ، ڪن ٿا سندس سواگت،
تاڙين جي ڦهڪن سان. ❊

٦٧. شايد صبح ٿي رهيو آهي

[احمدآباد ۾ ڪنهن وڏ گهراڻي استريءَ کي خون جي الزام ۾ جنم ٽيپ مـلـڻ تي دل جا ڀـاوَ]

شايد صبح ٿي رهيو آهي. جيل جو گهنڊ وڄڻ ۾ ٿي هوندو. پکيئڙن جا گيت ٻڌجن پيا. هتان ته ڪجهه ڏسڻ ۾ ئي نه ٿـو اچي. آسمان ۽ منهنجي وچ ۾ ڇت جو دائمي پردو آهي. تـارا ڪٿان ٽمڪندا آهن؟ ڪلهوڪي رات اونداهي هئي يـا چانڊوڪي؟

شايد صبح ٿي رهيو آهي. ٻاهر ڪجهه ساوا وڻ آهن تـہ سهڻن. سندن سبز سرهاڻ اندر ايندي ته ضرور هوندي، پر هن ڪوٺڙيءَ جي بدبوءِ ۾ دٻجي ٿي وڃي. پکيئڙا ڪٿان نه وڻ وڻ تي ٽپندا ڪڏندا هوندا. پر مان چوديواريءَ جـي اندر، ڇت جي هيٺان، سيخن پويان بند آهيان. ڪاش......

شايد صبح ٿـي رهيو آهي. وري اُٿڻو پوندو. ڪاڪوس ڏانهن وڃڻ لاءِ قطار ۾ بيهڻو پوندو. وري حاضري ڀري ويندي. مونکي چار سؤ ستٽيهه نمبر سان پڪاريو ويندو. وري جيون جي جانڊهه ۾ پيسجڻو پوندو. وري ڳهندي ڳهندي رات ايندي. وري ننڊ ڪرڻ جـي ڪوشش ڪنديس. وري ڦٿڪي ڦٿڪي صبح جو انتظار ڪرڻـو پوندو. وري رات جـو اوسيئڙو. وري صبح جو.

جيتريون سندريون اچي سگهن پرش - ڪلپنا ۾،
اُن کان به وڌيڪ آهن هن سنسار ۾.

ڪوئي ماڻي سگهي جيترا به عيش
اُنهن کان به وڌيڪ آهن هتي.

هتي اهڙيون نه آهن گيان جون گهٽ گدگائون،
جو پوري پيار جي سيني کي هڪ هڪ ڪٽوري،
نه ٿي وڃن سڀ مڪت ۽ اَمر
۽ پوءِ به اچي پوندو گيان - رس.

هرهڪ اَڻي ۾ اليڪٽران ۽ پروٽان،
نچي رهيا آهن نرنتر ناچ،
وڄي رهي آهي جل ۽ واءُ ۾، سرسوتي - وينا.
ذري ذري مان ڦاٽي رهيو آهي حيرتي حسن.

دوست!
تون آهين ڪهڙي سوچ ۾؟ ❋

٦٨. اِسـتـري

ٽون ماءُ، ڀيڻ، ڌيءُ ۽ محبوبا آهين پرش جي،
پر هُن توسان ڪيڏا نه ڪيا آهن اتياچار!
ڪوئي رام، نشپاپ سيتا جو ڪري ٿو تياڳ،
ڪوئي ڪرشن رنگوليون ٿو ڪري اڻ ڳڻ رُوپُوَتين ساڻ،
ڪوئي ٻڌ، يشوڌرا کي ڇڏي وڃي ٿو ٻنواس،
ڪوئي ڌرمراج، لڳائي ٿو ڇڏي دروپديءَ کي جوا جي داوَ ۾،
ڪوئي رشي گوتم ٺاهي ٿو ڇڏي اهليا کي پٿر جو بوتو،

ڪن رشي پرشن لکيا شاستر
۽ ايشور کي ڏنائون پرش روپ،
ڪنهن منوءَ لکيو منوُ سمرتيءَ ۾
"اِستريءَ کي ڏيو مان، پر نه ملڪيت"
شاديءَ کان پوءِ استري گرهڻ ڪري
پتيءَ جو گهر، آکهه ۽ نالو،
پرش ڇو نه ڪري گرهڻ اِستريءَ جو گهر، آکهه ۽ نالو؟
پرش ٺاهيا قانون، پرش جي فائدي ۾،
ڊڪشنريءَ ۾ شبد ملندو پتيورت ۽ نه پتنيورت.
ڪنهن تلسيداس (پرش) لکيو رامايڻ ۾،
ڍول، ڳنوار، شوُدر، پسوُن، ناري،
آهن سڀ سٽڻ ڪٽڻ جا سڀ اڌڪاري.

شايد صبح ٿيڻ ٿي آهي. چوڏهن سالن ۾ ههڙا گهڻا صبح ٿيندا؟ هزارين ته ضرور هوندا. پر گهڻا هزار؟ دماغ ڪم نٿو ڪري. حساب ڪري به ڇا ڪندس؟ وقت ته پنهنجي رفتار سان پيو هلندو. منهنجيءَ مرضيءَ تي هو پنهنجيءَ گتيءَ کي تيز ٿورو ئي ڪندو؟ وقت جي چال ايڏي ڍيمي ٿيندي آهي، اهو هينئر ئي محسوس ڪيو اٿم. هڪ هڪ گهڙي سال کان به وڌيڪ ڊگهي ٿي پيئي آهي. ان حساب سان گهڻا سؤ سال هتي رهڻو پوندو؟ آلا هيءُ وقت ڪيئن گذرندو؟

شايد صبح ٿي رهيو آهي. ٻلوُ اُٿڻ ۾ ئي هوندو. پڇن ورهين جو گلڙو ڇا سوچيندو هوندو؟ ڪيس سندس سَڪا ۽ ماستر ڇا چوندا هوندا! ته تنهنجي ماءُ پوڳي رهي آهي جنم ٽيپ جي سزا. جڏهن مان ٻاهر نڪرندس تڏهن اٺويهن سالن جو جوان ڏاڙهيءَ مڇ سان هوندو. ماءُ ڪري مڃيندم يا سڃاڻڻ کان ئي انڪار ڪندو؟ ۽ منهنجو گهوٽ؟ ڪيئن نه حسرت ڀريءَ نگاهه سان ڪورٽ ۾ نهاري رهيو هو! سندس عمر سٺيهه سال مس آهي. ضرور شادي ئي ڪري ڇڏيندو. شايد نه به ڪري. مون سان دستوري ملاقات لاءِ ايندو الائي نه. مان نڪرندس ته ڪيڏانهن ويندس؟ پنجاهه سالن جي پڄاڻي تي ويندس. پوءِ ڇا ڪندس؟ ڇا ڪندس؟ ❊

گرهستي جيون ۾ پتي پتنيءَ سمائجي وڃن هڪ ٻئي ۾.
هن زندگيءَ ۾ ١+١=١
ٻه جيو، ٻر هڪ آتما.
ڪم جي ورهاست پڻ ٿئي،
پر ڪو ننڍو وڏو ناهي،
اپاچار سَهڻو ناهي.
سيتا وانگر اگنيءَ پريکشا مان گذرڻو ناهي،
ڌرتيءَ کي ليلائڻو ناهي ته ڦاٽي پوَ.
پنهنجيءَ شڪتيءَ کي جاڳاءِ،
توکي چٽڻا آهن لوءِ ڪش.
تون بارود جي کاڻ آهين،
رشين منين جي جپ تپ کي ڪن ۾ ڪري سگهين خاڪ،
سڪندر پارا ليٽڙيون پائيندا رهيا تنهنجن قدمن ۾،
جهانسيءَ جي راڻي، اندرا گانڌي ۽ مارگريٽ ٿئچر،
اهي به ته عورتون آهن نه؟

منهنجي ماءُ، ڀيڻ، ڌيءُ، محبوبا،
مان ۽ منهنجون ڪوتائون مدائن ٿيون تنهنجي جسُ،
پر پنهنجي جسُ،
تون پاڻ به ته ملهاءِ نه! ❋

ڇا تلسيداس کي ڪانه هئي،
پنهنجي ماتا يا محبوبا؟
پنهنجيءَ پرتما کي هن مڃيو هو پنهنجو گروُ.
پوءِ به تلسيداس ائين لکيو؟
ڦاڙي ڇڏ هي پرش جا لکيل شاستر ۽ گرنٿ،
لاهي ڇڏ ڳلي ۽ ٻانهن مان سونيون زنجيرون.
اِهي نشانيون آهن تنهنجي غلاميءَ جون.

تون ڇا لڳين پرش جي؟
سنڌس جيون ساٿي، ارڌانگني يا صرف سيڄا - سهيلي؟
ڇا تون سنڌس ٻورچياڻي ٿي آهين؟
ڌوٻياڻي؟ درزياڻي؟
يا ٻارن جي آيا ٿي آهين؟
يا تون سنڌس مکيه نوڪر آهين؟
يا سنڌس نوڪرن کان ڪم وٺڻ لاءِ،
يا ساڻن جهڳڙن ڪرڻ لاءِ؟

تو کي ڇو ٿو کپي هر وقت سهارو پرش جو؟
ڪڏهن پتا، ڪڏهن پتيءَ، ڪڏهن پٽ جو؟
مان مڃان ٿو
اِستري ۽ پرش آهن ٻه ڦيٿا هڪ گاڏيءَ جا.
ٻه پر هڪ پکيءَ جا،
ڪم ڪرڻو آهي گڏجي مسڄي،
پر نه اَڏين ٻڻجي.

ٻڪيءَ پيٽ جي ڪري،
نہ آ پاڻ پاڻ جو، نہ مائٽ مائٽ جو
سيني کي پرڙو آهي پيٽ،
پيٽ آهن سيني جا خالي، پر مرندو ڪوئي ٻہ ٽہ،
ڇو تہ موت ويو آهي موڪل تي.

سرڪار آهي حيران پريشان،
خونين کي ٻہ ڏيئي نٿي سگهي ڦاسيءَ جي سزا،
لٽڪائين ٿہ لٽڪن پيا، پر مرن ڪونہ.
شوٽ ڪرڻ سان، گولي نڪاءِ ڏيئي، ٿي وڃي ٿي ويرٿ.
ڪُلم ڪُليا گهمي رهيا آهن چور ۽ ڌاڙو.
جڳهہ ناهي جيلن ۾.
مندر آهن ماڻهن سان ڳتيل
پوڄاريءَ کي ٻهڻ لاءِ ناهي جاءِ، جو ڪري سگهي آرتي.
ختم ٿي چڪا آهن پوڄا ۽ پاٺ.
نہ رهيو آهي آچار نہ وهنوار،
جنهنکي جيڪي وڻي ٿو، سو ڪري پيو،
ڇو تہ موت ويو آهي موڪل تي.

گوشت کائو انسان آهن سخت مصيبت ۾.
ٻڪرو ڪاٽ يا مرغو، پر ڪٽجن ٿي نہ ٿا.
شينهن چيتا واگهہ ۽ ٻيا وڏا جانور،
هڙپ ڪري وڃن ننڍن جانورن کي،

٦٩. موت هلندو ويو موڪل تي

آڪاش واڻي تي ته ڪال ڀڳوان، پرٿويءَ کي ڇڏي، هلندو ويو آهي وئڪيشن تي. ان ڪري هن ڌرتيءَ تي هاڻي موت ڪونه ٿيندو. هاڻي موت کان سڀ مڪت آهن.

ڪجهه وقت کان پوءِ ......
ٻارن ۽ جوانن کان وڌيڪ ڏسڻ ۾ ٿا اچن پوڙها.
ڇو ته موت ويو آهي موڪل تي.
هرهڪ گهر ۾ آهن ڏاڏا، پڙ ڏاڏا ۽ انهن جا به پڙ ڏاڏا،
سؤ سالن جا ڏاڏا پڙ آهي به ليکجڻ ۾ اچن ٿا ٻار،
ڇو ته جيئرا آهن اُنهن جا به ڏاڏا ۽ پڙ ڏاڏا.
ورائي وئي آهي سڀني کي ٻڍاپي جي ھي ماري،
۽ لڳا پيا آهن سڀ بستري داخل.
ڪي ٻوڙا، ڪي انڌا، ڪي لُولا ۽ لنگڙا،
مرڻ ٿا چاهن سڀ، پر مري ٿو ڪوبه ڪونه،
ڇو ته موت ويو آهي موڪل تي.

وڌندڙ ٿي آهي ڌرتيءَ تي ماڻهن جو تعداد.
ڄمندا رهن ٿا ٻار، مرڻ وارو آهي ڪوبه ڪونه.
ماڻهو گهرن ۾، ماڻهو گهٽين ۾، ماڻهو رستن تي.
جتي پوي نظر، اُتي آهي ماڻهن جي پيهه.
اناج جي پيداش آهي وڌيل، پر ته به آهي کوٽ.
راشن تي ملي ٿو اناج، ڏينهن ۾ اڌ ڏينهن جو راشن،
ڪنهن کي آهي کڙي ڪلَ، ڪيترا ڏينهن هلندو هيءُ اناج.

٧٠. اِنسان ۽ خدا جي ملاقات

هڪ ڏينهن اِنسان ۽ خدا جي پاڻ ۾ ملاقات ٿي وئي. اِنسان ڏاڍي جوش ۾ هو. چوڻ لڳو:-

”ڇا، تون ئي منهنجو خالق آهين؟ تو ئي مونکي هن واهيات ۽ ويرڻ سنسار ۾، جتي ماڻهو، مُون کان به بدتر آهن ۽ وهن ۽ ڍڳهن تا مشين وانگر. مشين، جنهنکي پنهنجي ڪا الڳ هستي يا سڃاڻپ نه آهي. جتي ماڻهوءَ جو ماڻهپو ختم ٿي ويو آهي، جتي ڏک ۽ بيڪاريءَ جا ڀوت گهمي رهيا آهن گليءَ گليءَ ۾، جتي ڀڳوان جي ڀوَ ۾ ماڻهو هيسجي ۽ هيانجي ويو آهي، جتي ......“

خدا وچ ۾ ڪاٽيندي چيو، ”اي اِنسان، تون اجائي ٻڙ ٻڙ ڪري رهيو آهين. مون نه نهايت سُٺي سندر سرشٽيءَ جي رچنا ڪئي آهي، جنهن ۾ نيلو آڪاش آهي، جنهن ۾ سج، چنڊ ۽ تارا چمڪي رهيا آهن. نديون نالا ۽ جهرڻا جهر جهر ڪري وهي رهيا آهن بادل ۽ برساتيون آهن، ٽهڪندڙ ٻجليون ۽ مٺي موهيندڙ انڊلٺيون آهن، خوشبودار رنگبرنگي گل ڦل ۽ رس سان ڇلڪندڙ مٺا ميوا آهن؛ مون هيءَ برڪت ڀري ڌرتي پيدا ڪئي آهي، جنهن ۾ ڪٿو وجهه نه ڪاسو ٿي نڪري. نديڙو ٻج وجهه نه شاهي وڻ ٿي پوي ٿو. هيڏيءَ سونهن ۽ برڪت هوندي به تون شڪايت ٿو ڪرين!

پر ٻڪري اچن ٿا هو ٻاهر ٻيٽ مان، سالم ۽ سڄا،
وڏا مڇ ڳڙڪائي وڃن ننڍين مڇين کي،
پر هو وري ٻڪري اچن ٿيون ٻاهر،
۽ پاڻيءَ ۾ راند ڪرڻ لڳن ٿيون، وري اڳي وانگر.
ڌرتي پرچي وئي آهي،
خوفناڪ جانورن ۽ خطرناڪ ماڻهن سان،
پر ڪير ڪنهنکي ماري سگهي ٿو ڪونه،
ڇو ته موت ويو آهي موڪل تي.

وات ڦاڙي گهمي رهيو آهي بک جو راڪاس،
ناچڻين ڇڏي ڏنو آهي ناچ.
ڳائڻن بند ڪيو آهي ڳائڻ.
شاعر ڪري نه ٿا سگهن شاعري،
سنسار مان ختم ٿي وئي آهي رنگيني ۽ شيريني،
بک ۾ هرڪو آهي بيحال،
لڳو پيو آهي هاهاڪار،
هرڪو ٻاڏائي ٿو موت لاءِ،
پر موت اچي ٿو ڪونه،
ڇو ته موت ويو آهي موڪل تي. ❋

(بنيادي خيال، ڪنڙ شاعر پنڇيد رو پکيانم تان).

ته دنيا ۾ خلق خدمت کان نه پائيون بندگي بهتر. ان ڪري ٽون لاطمع ۽ لاغرض بڻجي خلق جو خير مناءِ. جڏهن غرض ٿي ڪجي، ته مصيبت ۽ مرض ٽا پلءِ پون. اهو به هڪ ڪوڙ آهي ته انسان جي تقدير جو ٺاهيندڙ خدا آهي. اهو خود انسان ئي آهي، جو پنهنجيءَ تقدير کي ٺاهي يا ڊاهي سگهي ٿو. وٽيس ته شهباز ٿي، اُوچي عرش ۾ اُڏامندو وتي، وٽيس ته ڪمزور ڪيڙو بڻجي، ڌرتيءَ جي ڌوڙ ۾ ليٽڙيون پائيندو وتي.

”ڄمڻ سان هرڪو انسان پاڻ سان، اڳين اعمال جو ليکو کڻي اچي ٿو. پر اُنهن اڳين ڪرمن جو ڪندڙ به هُو پاڻ آهي. ڪل ڪائنات جي انسان کي طاقت آهي ته پنهنجن اڳين ڪرمن جي حساب کي نون ڪرمن جي جوڙيا ڪٽ سان بدلائي ڇڏن.

”دوزخ يا بهشت مون ڪونه خلقيا آهن. اهي انساني دماغ جي ايجاد آهن. شعوري شاعر ته ائين لکيو آهي ته:

هم کو معلوم هے جنت کي حقيقت، ليکن
دل کو خوش رکهني کو **غالب** يه خيال اچها هے.

”مون نه ڪڏهن به يا ڪٿي به ائين ڪونه چيو آهي ته جسم کي جفائون ڏيو يا مزا نه ماڻيو. مان توهان جي ديهه ۾ وينل ديو آهيان. تن کي ڪَسو ڏئي، مونکي ناحق دکي نه ڪريو. مان ته چوان ٿو ته عيش ڪريو، ۽ مزا ماڻيو. بنسريون وڄايو ۽ گوپن گوپين سان راسيون رچايو. راجائي ڪمائي، خوب عيش ڪريو، پاڻ به عيش ڪريو ۽ ٻين کي به ونايو، پر انهن ۾ ڦاسي نه پئو.

”دونهين ۽ گئس سان پاڪ فضا کي تـو ئي نہ ناپاڪ ڪيو آهي. پوتر گنگا ۽ ٻين ندين جي نرمل نير ۾ ڪارخانن جو ڪچرو اُڇلائي، امرت کي زهر تو پاڻ بڻايو آهي. بمگولا بہ خود تو ئي ناهيا آهن. بکَ، بيڪاري خود تـو ئي پيدا ڪئي آهي. لڙاين جهڳڙن ۽ دنگن فسادن جي جڙ تون ئي آهين...“

”مان نہ اِنسان کي پيار تو ڪريان. ڪيس سڀني مخلوقات جو مهندار بڻايو اٿم. پر تنهن هوندي بہ اڄ ماڻهو، ماڻهوءَ جو دشمن ٿي پيو آهي. هڪ ٻئي جو ماس ٿا کائن.“

اِنسان ڏند ڪرٽيندي چيو، ”اِهو ڪـوڙ آهي. ماڻهو ماڻهوءَ جو دشمن ناهي. تون ئي اُهو لڪل بازيگر آهين جـو ماڻهن کي پتلين وانگر نچائيندو ٿو وتي. ڏوهہ ڪرائين تـو پاڻ، پر مڙهين ٿو ماڻهن تي. وري اِنهن ڏوهن ثوابـن لاءِ دوزخ ۽ بهشت پـڻ بڻايا اٿيئي. سڄي ڪـي سنسار - ساگر ۾ اُڇلي، ڪناري تان پيو بوڪ ڪرين تہ مٿان پاند پُسايو اٿو. اهو ڪٿان جو انصاف آهي، جو مان سونهن، سرهاڻ ۽ سک جي آغوش ۾ رهي بہ موج ماڻي نٿو سگهان. جي ماڻيان ٿو تہ سزاوار ٿو ٿيان، اِنهيءَ الزام هيٺ تہ سنسار ۾ اچي، مون سنسار جي سرجڻهار جي سار نہ ڪئي ۽ زندگي عيش عشرت ۾ ڪوهي ڇڏيم!“

خدا مرڪندي چيو، ”تون جيڪي ڳالهائي رهيو آهين سو غلط آهي. تون مونکي ياد ڪرين يا نہ، تنهن جي مونکي نہ پرواهہ آهي، نہ ضرورت. جنهن بہ منهنجي مخلوقات سان محبت ڪئي، اُن ڄڻ مون سان ڪئي. تو تہ اڳيئي پڙهيو آهي

”انسان ڀل فاني هجي، پر زندگي فاني ناهي. اها ڪڏهن به ناس ٿيڻ واري ناهي. اڄ آهي. زمين ۾ دٻجڻ سان ٻج ناس ٿي ويندو آهي ڇا؟ موافق حالتن سان اُن مان نوان ٻوٽا، شاهي وڻ، اناج، گل ڦل ۽ ميوا پيدا ٿين ٿا. ان ڪري تون مري به موٽي ايندين، جيئن سج اولهه ۾ لڏي وري اوڀر مان نڪري ايندو آهي. تيستائين تون پيو ايندين جيستائين تنهنجو من دنيوي عيش عشرت مان ڪڍو ٿئي. زندگيءَ ۽ موت جو چڪر اڻ کٽ آهي. ان ڪري تنهنجو اهو چوڻ ته زندگي چئن ڏينهن جو چٽڪو آهي، غلط آهي.

”نديءَ جو پاڻي، سمنڊ ۾ سمائجي وڃڻ کان پوءِ، ٻاڦ بڻجي بادل ٿئي ٿو، جنهن مان برسات جو پاڻي برسي، وري به نديءَ جو روپ وٺي ٿو. ان ڪري تون عيش ڪندو رهه، پر ڪا به ٽڪر ڪانهي. ڏيري ڏيري پيو مزو ماڻ. پر وري به آڳاهه ٿو ڪريان ته عيش ۾ اٽڪي نه پئج. تون موج مزي کي پنهنجو مالڪ نه بڻاءِ. ڪنهن کي به مالڪ نه بڻاءِ. تون پنهنجو مالڪ پاڻ آهين. مان به تنهنجو مالڪ نه آهيان، تون ئي خالق آهيان.“

عزت ۽ عصمتن کي پنهنجو مالڪ نہ ٻڌايو. مٿس اُتي مالڪ آهي. ڪيس غلام نہ ٿيڻ گهرجي. سونهن پٺي ماڻيو، پيار پٺي ڪريو، پر اُنهن ۾ اٽڪي نہ پئو. موهہ ڏوهہ آهي. تون سونهن، سک ۽ سرهاڻ ماڻ، پر......"

اِنسان خدا کي ڪاوڙيندي وچ ۾ چيو، "خدا، تون کهڙو نہ مڪار ۽ مها پاکنڊي آهين! هڪ طرف چوين ٿو تہ مان عيش ڪريان، پر ٻئي طرف، تو منهنجي زندگي اِئين رکي آهي چئن ڏينهن جو چنڊڪو. اُنهن ۾ بہ ٻہ ڏينهن تہ عيش کي هٿ ڪرڻ لاءِ ٻڪ ڀوڙ ۾ گذرن. وري اڃا مزا ماڻڻ شروع مس ڪريون تہ مٿان ٻڍاپو اچي سهڙي، ۽ پڪڙي موت جي منهن ۾ اُڇلائي ڇڏي ۽ ڪرٽي پوي تنهنجيءَ نام نهاد رنگ روپ جي دنيا سان الوداع! عيش ماڻيان، تہ بہ ڪيئن ماڻيان؟"

خدا نرم ۽ مٺي آواز ۾ ٻوليو، "موت سان ئي تہ سنسار جي سونهن سالم ٿي رهي. ٿوري وقت لاءِ ڪلپنا ڪر تہ موت هن دنيا مان گم ٿي ويو آهي. پوءِ تون سرشٽيءَ جي سُورن ۽ هتان جي هيبتناڪ حالتن بابت سوچ. آدم وڌندو ويندو، اناج کٽندو ويندو. هيءَ ڌرتي سوڙهي پئي معلوم ٿيندي. ماڻهو هڪ ٻئي کي مارڻ چاهيندا پر ماري نہ سگهندا (ڇو تہ موت هوندو ئي ڪونہ). ان ڪري موت تہ مهربان ملائڪ آهي، جو هن ڪائنات جي ڪمال حسن کي قائم رکي ويٺو آهي. وري اِئين بہ ناهي تہ موت کان پوءِ زندگي آهي ئي ڪانہ.

٧١. هري ڏاگهير جي موٽ کان پوءِ

- ڪجهه ٻڌءِ؟
- ها، مري ويو. ڇا نه ٿيس؟
- شايد هارٽ فيل. ويچارو.
- هو ته ٻيو ٻاهتريءَ ۾ هو.
- ماڻهو ته ڏاڍو سٺو هو.
- پر چالاڪ به ڏاڍو هو
- گهڻن جي مدد ڪيائين.
- تڏهن ته ماڻهو ڇا نه ٿو ڪري؟
- ڪم ۾ به ته قابل هو.
- پنهنجي ان داتا کي خوب خوش رکي ويٺو هو.
- شاعر به ته چڱو هو.
- ها، پر خيال مدي خارج هيس.
- ساهتيه اڪادميءَ جو انعام ڪٺيو هٿائين.
- سڀ ڪم لڳ لاڳاپي سان ٿيندو آهي،
اُن جي قيمت نٿي ڪهڙي.
- پر، مهمان نواز سٺو هو.
- ها، زال کي خوب وهائيندو هو.

اِنسان چيو، ”هي خدا، هيءُ تون ڇا چئي رهيو آهين، ته تون منهنجو مالڪ ناهين پر مان پنهنجو مالڪ پاڻ آهيان؟ مان آزاد آهيان، جيڪي وڻيم سو ڪريان. مان مالڪ ......“

خدا چيو، ”ها، ها، تون پنهنجو مالڪ پاڻ آهين. تون خود خدا آهين. توکان وڌيڪ ڪير به ناهي. تون ۽ مان ٻئي هڪ روپ آهيون. اهم برهم اسمي جو مها منتر توکان ٻڌهو آهي ڇا؟ اناالحق جو نعرو ڪونه ٻڌو اٿيئي ڇا؟ اهو به ڪونه ٻڌو اٿئي ڇا ته ٻنهي تيس پاڻ، سڀئي تان سوُر ھڻا. اسان ٻئي حق آهيون. ان ڪري ظاهر ۾ جدا آهيون پر حقيقت ۾ هڪ آهيون. پاڻ کي الڳ سمجهندين ته محدود انسان آهين. پر جي هڪ آهين ته حق آهين، خود خدا آهين.“

خدا جي اها ڳالهه ٻڌي، اِنسان هڪو ٻڪو ٿي ويو. هٻڪندي چيائين ته ”اڇا ته مان پاڻ کي الڳ ٿي تو سمجهان پر ان ڳالهه تي سوچ ضرور ڪندس ته مان محدود ”مان“ نه آهيان. مان اننت ”مان“ آهيان. مان ”تون“ آهيان.“ ❋

هري دلگير

شخصي:- هري گربخشاڻي درياڻي - جنم ١٥ جون ١٩١٦ لاڙڪاڻو (سنڌ). بمبئي يونيورسٽيءَ مان بي. اِي (سول) ۽ بي. ايس. سي. فيلو آف انسٽيٽيوٽ آف انجنيئرس انڊيا. سنڌ سان ١٩٥٨ ۾ الوداع جڏهن هو اتي ايگزيڪيوٽو انجنيئر هو. گانڌيڌام ميونسپالٽيءَ جو پريزيڊنٽ (١٩٦٧-٦٨). فائونڊر پرنسيپال / سيڪريٽري ۽ ٽرسٽي تولاڻي پاليٽيڪنڪ ۽ گانڌيڌام ڪاليجئيٽ بورڊ ۽ تولاڻي آءِ هاسپيٽل.

ساهتڪ:- اڳيون صلاحڪار ميمبر هند سرڪار جو سنڌي بورڊ ۽ ساهتيه اڪادمي (دهلي). ميمبر سنڌي بورڊ بمبئي ۽ گجرات يونيورسٽيون. سنڌي ساهتيه سنگت، آديپور جو فائونڊر پريزيڊنٽ.

– سيٺي کي راضي رکي ويٺو هو.

– جنهن ۾ ڪم پوندو هوس، اُن اڳيان پڇ لوڏيندو هو.

– ٻڌم ٻٽڪ ٻٽانس ته ٺن ٺن گوپال اٿس،
ٺٺ ته وڏو هوس.

– هرڪو ٻاهريون ٻيو ٻڌي ويٺو آهي،
ٻر هو ڀڪو چور.

– سو ڪيئن؟ مونکي ته خبر ڪانهي.

– ڇڏ اِنهيءَ ڳالهه کي، مري ويل جي کهڙي ٻچار.

– ٻڌم پوئترو مزاج اِنسان هو.

– ها، هرهڪ ڪليءَ جي چوڌاري ڦيرا پائيندو هو.

– ٻر ڪا خاص ڪلي؟

– هرهڪ عام، هن لاءِ خاص هئي.

– ڪنهن سان ڇيڙ ڇاڙ؟

– ڪئي هوندائين، ته ٻه ڪنهنکي ٿي ڪل پوي.

– ڇگو، ٻرهمڻ ٻڳڙان ٿي ايندين نه؟

– ها، اچڻو ٿي پوندو،

لوڪ لڇا ٻه ته ڪائي چيز آهي نه؟ ❊

رچنائون:- (۱) هرشچندر جيون ڪٿا ۱۹۴۱. سنڌي ادبي بورڊ جو انعام.

(۲) ڪونج ۱۹۴۲. سنڌي ادبي بورڊ جو انعام.

(۳) موجي گيت ۱۹۴۲. ٻيوس سان گڏ، ٻال ڪٿائون.

(۴) ماڪ ڦڙا، ناراڻ شيام سان گڏ ۱۹۵۳.

(۵) موج ڪئي مهراڻ ۱۹۶۶.

(۶) ڪهاڻي ڪرم ڀوڳيءَ جي ۱۹۷۵.

(۷) پل پل جو پڙلاءُ ۱۹۷۷. ساهتيه اڪادمي دهليءَ جو انعام.

(۸) امر گيت ۱۹۸۱، ترجمو گيتا جو، ڪٿا ۾.

(۹) ڪشنچند ٻيوس ۱۹۸۱ ساهتيه اڪادميءَ جو ڇپايل.

(۱۰) مزيدار گيت ۱۹۸۳. NCERT جو انعام.

(۱۱) رولو آواز ۱۹۸۴. غزل. هند سرڪار جو پهريون انعام.

(۱۲) چولو مٺڙو چڪ ۾ ۱۹۸۷ - آتم ڪٿا.

(۱۳) گيت گلابي - ۱۸۹۸ - ٻال ڪٿائون.

(۱۴) ٻيوس جو چونڊ ڪلام، معنيٰ سان ۱۹۸۸.

(۱۵) جهنگلي گل، ۱۹۸۸ نثري نظم.

(۱۶) هڪ سئو اٺ پروليون. ڪٿا ۾. ٻارن لاءِ. پريس ۾. ❊



JHUNGLEE GUL (Prosic Poetry) By : Hari Dilgir

SINDHI TIMES PUBLICATION - 88